# پوترتا. پڇتاءُ

(ڪهاڻيون)

تسليم سحر

SAMBARA
PUBLICATION HYDERABAD

# پوترتا — پڇتاءُ

(ڪهاڻيون)

## تسليم سحر

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

كتاب نمبر 59
هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: پوترتا_پڇتاءُ
موضوع: ڪهاڻيون
ليکڪ: تسليم سحر
ڇاپو پهريون: جون 2017ع
ڪمپوزنگ: احسن ۽ عبدالسلام ابڙو
ٽائيٽل: رضوان گل
ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن
سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
مُلهه: _/200

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

PAVITARTA-PACHTAO
(Storys)
By : Tasleem Sehar
Sambara Publication Hyderabad
03003513966

# ارپنا

ارپيان ٿي پنهنجي لفظن جو هي پورهيو
امان ۽ بابا
جي نالي
جن ڇيچ کان وٺي هلڻ سيکاريو
علي راول جي نالي
جيڪو وڇوڙن جو ڏڳ وٺي
اهڙي ماڳ هليو ويو
جتان ڪوئي موٽي نه ايندو آ
۽
منهنجي لختِ جگرن
احسن الرحمان، عبدالسلام
جي نالي
جن جيئڻ لاءِ اتساهيو آهي.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| • اداري پاران | ساجد سنڌي | 06 |
| • پنهنجي پاران | تسليم سحر | 08 |
| • مهاڳ | شيخ چنتڪ | 11 |
| • آمهاڳ | ڊاڪٽر ظفر عباسي | 15 |
| • سقلتا جا ديپ | انور سومرو | 21 |


## ڪهاڻيون


| | |
|---|---|
| 1. هي رات ۽ مقدر | 25 |
| 2. بارش | 40 |
| 3. هڪ سسئي پيا سُورَ | 47 |
| 4. پوترتا۔ پڇتاءُ | 51 |
| 5. رات جي پيٽ ۾ | 65 |
| 6. دل جي دانهن | 70 |
| 7. حضرت عشق | 75 |
| 8. موت | 84 |
| 9. "سرُ جو سرجڻهار" | 88 |
| 10. ماڻ رهان تہ مشرڪ ٿيان | 92 |

# اداري پاران

تخليقي پرواز جا پکي جڏهن ڪاغذي اُپ تي پرڙا پکيڙي پنهنجي پنهنجي منفرد ٻولي ٻوليندي ذهني وسعتن کي واسڻ لڳن تہ پاڻمرادو "پوترتا۔ پڇتاءُ" جهڙا گلدستا ادبي گلدان جي سونهن ۾ اضافي جو وسيلو بڻبا آهن. ڪيترين ٻين ليکڪائن جيان تسليم سحر جون لکڻيون بہ وقت جي دز ۾ دونهاتجي درد جو داستان بيان ڪرڻ لاءِ اڄ بہ ايتريون ئي سگهاريون ۽ سچائي سان سرشار آهن جو ائين ڪڏهن بہ محسوس نہ ٿيندو تہ تسليم سحر جون لکڻيون موجوده عهد کان هٽيل ۽ اوپريون لڳن، توڙي جو سندس قلم ڊگهي عرصي کان خاموشي جي شڪنجي ۾ ڦاٿل رهيو ۽ هوءَ پل پل اندر ۾ ٽٽندي ۽ ڀرندي رهي.

هڪ ليکڪا لاءِ شاعري يا ڪهاڻين جي پناهہ گاهہ جا اوچتو رستا بند ٿيڻ جو تڪليفده مرحلو يقينن ذهني اذيتن ۾ واڌ جو سبب بڻجندو پر تسليم سحر کي هڪ طويل خاموشي بعد "پوترتا۔ پڇتاءُ" جي صورت ۾ منظر عام تي اچي پنهنجي ادبي پورهئي تي نازان ضرور ٿيڻ گهرجي، سندس هن پهرين ڪهاڻي ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻيون ۽ ان جا

ڪردار جتي اسان جي معاشرتي پهلوئن ڪي اجاگر ڪرڻ لاءِ بيچين آهن اتي زندگي جي چوواتي تي حقيقي واقعن جا چٽا پٽا اولڙا بہ زميني ڪٿائن جي منظر ڪشيءَ جو سهڻو مثال پيش ڪري رهيا آهن.

تسليم سحر پنهنجي شاعري جيان ڪهاڻين ۾ بہ روح جي رولاڪين ۾ داخلي ڪيفيتن جي نچوڙ سميت خارجي احساسن جي اُپٽار جو منفرد ڍنگ رکڻ جو مڪمل ڏانءُ رکي ٿي شال سندس قلم ۾ پيهر ساڳي جُنبش اچي ۽ وقت جي هلندڙ وير سان هم آهنگ ٿي سوچن جي سُرهي سرهاڻ پکيڙيندي رهي. سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد پاران تسليم سحر جي هن پهرين تخليقي پورهئي کي مان ڏيندي ڪتابي شڪل ۾ منظر عام تي آڻي انتهائي سرهائي محسوس ڪجي ٿي.

ساجد سنڌي
سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد
03003513966

## پنهنجي پاران

## منهنجو اکرن پورهيو!

مون زندگيءَ جو پهريون پيار بابا ۽ امان سان ڪيو هو،ان پل يقينن مان گهٽ عمري هيم پر پوءِ بہ نفرتن جي الاءِ ڪي محسوس ڪري سگهندي هيم، مونکي ياد آ بابا جي سماجي حيثيت غربت جي لڪير تي بيٺل هوندي هئي، ان لاءِ اسان سان ماڻهن جو رويو نفرتن جوڳو هوندو هيو، انهن ماڻهن ۾ اسان جا ڪجهہ ويجها رشتا بہ شامل هيا، جيڪي وقت ويلو وڃائڻ بغير پيا اسان مٿان نفرتن جا تير وسائيندا هيا. بابا سخت محنت ڪرڻ لڳو هُيو، هُن لکيل پڙهيل هجڻ جي باوجود مزدوري ڪرڻ ڪي بہ ڪڏهن عيب نہ سمجهيو هُيو. مونکي جيتري تائين ياد آ تہ بابا خوب ڪان خوب مزدوري ڪندي حق حلال جي روزي اسان جي پيٽ وڌي ۽ هميشہ پنهنجي اولاد ڪي ڪنهن سان بہ ناانصافي نہ ڪرڻ جي هدايت ڪندو رهيو. امان بہ هميشہ بابا جو ساٿ ڏنو ۽ بک اڃ تي هوندي بہ ڪانئس ڪا شڪايت نہ ڪئي، اهو ئي سبب آهي تہ مون پنهنجي پيءُ ماءُ جي محبت مان گهڻو ڪجهہ پرايو ۽ انهن جي ڏکن ڏاکڙن ڪي ڏسندي مونکي بہ هميشہ اهو حوصلو مليو تہ مان ڏکن جو

مقابلو ڪريان ۽ ڪڏهن بہ دل هاري نہ ويهان.

مان ڏسندي هُيم تہ بابا اڪثر دوڪان تان ٿڪجي اچڻ جي باوجود بہ مونکي پنهنجي جهول ۾ ويهاري ماني ڳيهو ضرور ڪارائيندو هُيو ۽ هر روز صبح جو چيچ ڪان وٺي مسجد جي در تائين ڇڏڻ ويندو هُيو، ان سان گڏ بابا ئي اسان جي ڳوٺ ۾ اهو انقلابي قدم کنيو هُيو تہ هُن مونکي ۽ منهنجي ڀينرن کي ڇوڪرن واري اسڪول ۾ پڙهڻ جي اجازت ڏني جنهن سبب ڪيس ڪوڙ سارا طعنا تنڪا بہ سهڻا پيا، پر بابا اسان جي همت افزائي ڪئي، ان لاءِ مان اهو اقرار ٿي ڪريان تہ اڄ مان جنهن دڳ تي بيٺي آهيان، مون جيڪا پنهنجي سڃاڻ اڄ جوڙي آهي اها درحقيقت بابا جي سڃاڻ آهي بابا جي محنت ۽ عظمت جو ڦل آهي.

مون ڪيئن لکيو ۽ ڇو لکيو؟ ان سوال جو جواب ڳولهڻ لازمي ناهي، پر ياد ٿو اچيم تہ هڪ ڏينهن بابا سرمد سنڌي جي قومي گيتن واري هڪ ڪيسيٽ آندي هئي، جنهن کي ٻڌڻ سان منهنجي من ۾ هڪ سحر جاڳي پيو هو ۽ موسيقيءَ سان جهڙوڪر منهنجو چاهہ جڙي ويو هو، تان جو موسيقي ٻڌندي ٻڌندي نيٺ آهستي آهستي منهنجي اندر مان لفظن جا گونج ڦٽڻ لڳا، جن کي پنن جي پيٽ تي سجائيندي ويم. پر ان سڄي عمل دوران مون نٿي ڄاتو تہ اهو سڀ ڇا هي؟ ڇا اهو صحيح آهي يا غلط؟ بس مون چپ چاپ ۾ جيڪو منهنجي دل مان ڦٽو اهو پنن تي اڪري ڇڏيو.

چوندا آهن وقت سدائين هڪجهڙو نہ رهندو آ، وقت جيڪو تيز رفتار سان ڊوڙندو آهي، ان وقت جهڙوڪر منهنجي مٿان پنهنجا مهربان پرن وارا ڇانورا آڻي بيهاريا، امان جيڪا مونکي اڪثر لکندي ۽ پنا سانڍي رکندي ڏسندي هُئي، تنهن هڪ ڏينهن اهي سمورا پنا منهنجي ماسات (جيڪو هينئر منهنجو جيون ساٿي بہ آهي) کي ڏنا تہ ڏس هي ڇوڪري ڇا پئي ڪري؟

جنهن تي منهنجي ماسات اُهي پنا پڙهي امان کي ٻڌايو تہ هيءَ تہ شاعري آهي ۽ مان اها شاعري ڪٺي ٿو وڃان سانڍي رکندم جو اسان جي خاندان ۾ شعور جي جيڪا ڇٽنگ دکي آ اها روشن ٿيڻ لازمي آ، اڳ ۾ اسان مرد ان ڪرت سان هٺاسين هاڻي اسان مان هڪ ليکڪ بہ

پيدا ٿي آهي تہ ان کي گمنام موت مرڻ نہ گهرجي ، پر ان کي موقعو ملڻ گهرجي تہ اها پنهنجا الڳ پيچرا جوڙي منزلن تي رسي.

قدرت الله جي خانداني روايتن موجب منهنجو رشتو منهنجي ان ماسات سان جڙي ويو جنهن کي پڙهندڙن جو هڪ وڏو حلقو وشال امير جي نالي سان سڃاڻي ٿو، شادي ڪانپوءِ مون وشال جي صلاح تي ڪهاڻي ڪيتر ۾ پير پائيندي تجربو ڪيو جو وشال جو خيال هو تہ گهر ۾ ٻہ شاعر ڪونہ نهنداسون. ڪهاڻي ڪيتر ۾ تجربو ڪرڻ دوران ادا ظفر عباسي منهنجي وڏ ڪان وڏ حوصلا افزائي ڪئي ۽ پوءِ مون ڪهاڻي سان نياءُ ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي، ان ڪوشش ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ٿي آهيان؟ اهو فيصلو تہ پڙهندڙن کي ئي ڪرڻو آهي.باقي مان اهو ٻڌائيندي هلان تہ منهنجي ڪهاڻين جا ڪردار ڪٿي نہ ڪٿي مونسان مليل آهن، مون انهن جا سور انهن کان ٻڌا آهن ۽ انهن جا نالا تبديل ڪري ، ماحول جي عڪاسيءَ ۾ ٿورڙي تبديلي آڻي انهن جون ڪٿائون لکيون آهن، منهنجا ڪردار گهڻا عورتاڻا ان لاءِ آهن تہ مون اهي ڪهاڻيون انهن عورتن سان ملڻ بعد لکيون آهن جيڪي انهن ڪردارن جي تمام گهڻو ويجهو رهيون آهن.

مڃيان ٿي منهنجي لکڻين ۾ فني کوٽ هوندي پر اميد اها ٿي ڪريان تہ پڙهندڙ منهنجي ڪهاڻين کي عيبن ۽ ڪمزورين سميت قبول ڪندا.

مان هتي نهايت ئي ٿورائتي آهيان ادا ساجد سنڌي جي جنهن منهنجو اکرن پورهيو توهان جي هٿن تائين پهچائڻ لاءِ مونکي نہ رڳو همٿايو پر ضد ڪري ويهي رهيو تہ ڪتاب ضرور پڙهندڙن تائين پهچڻ گهرجي ۽ هن ٻنهي هڪ پبلشر هجڻ جي ابتڙ پاڻ ٻڌجي هيڏي محنت سان هي ڪتاب سجايو آهي.

مان هتي ٿورائتي آهيان ادا ظفر عباسي ، ادا مظهر ابڙو ۽ ادا انور سومرو جي بہ جن وقت ڪڍي مونلاءِ چند سٽون لکيون آهن.

تسليم سحر

خيرپور ميرن واري

مهاڳ

## ڪهاڻي مات ڪري بيهجي نہ وئي آ

تسليم سحر ڪهاڻيڪاره ڪي ڏنو تہ ڪونهي، پر پياري سرتيءَ جو مون اڳيان "پوترتا - پڃتاءُ" ڪهاڻي ڪتاب رکيل آهي، مون سندس سڀ ڪهاڻيون پڙهيون آهن. ٻولي بيحد پڪي پختي، بيحد سٺي، جذباتي روانگيءَ جي وهڪري ۾ وهائيندڙ بيان ڪردارن ڪان ڪرايو ويو آهي، جو چنريءَ جي رنگن جهڙي ڪينواس جيان دل ۾ چٽجندو ٿو وڃي.

سندس پهرئين ڪهاڻي "هيءَ رات ۽ مقدر" چوڏهن پيجن جي آهي، وستار ڪرڻ سان ناوليٽ واهہ جو نهي وڃي ها، پڙهڻ وقت ڪهاڻيءَ جي ڪردارن منهنجي ذهن کي جهنجهوڙي ڇڏيو، جاندار ۽ سگهارا.

"بختاور" اهم ڪردار آهي، جا شهر ۾ پڙهي لکي، بيحد خوبصورت، سمجهدار،ذهين، حساس روح ۽ روحاني پيار ۾ عقيدو رکندڙ، سندس خيالات تہ " جسم تہ مرجهائجي ويندو، خوبصورتي بہ اڄ آهي سڀاڻ نہ، بس روح جي خوبصورتي دائم قائم آهي ".

"سارنگ" مرد ڪردار، جو سونهن جو شيدائي، جذباتي، لالچي

پيار ڪندڙ، جسماني پيار جو ڪوڙيو، بختاور سان محبت ڪري ٿو، جيڪو مائٽن جي مرضي سان شادي ڪرڻ وارو آ. هن ۾ مرداڻو اهم به آهي.

هن ڪهاڻي "هيءَ رات ۽ مقدر" ۾ تسليم سحر فڪشن اهڙو پريو آهي جو ڪهاڻي هڪدفعو پڙهڻ شروع ڪجي ٿي ته ڇڏڻ جو نالو به نه، هڪ ويهڪ ۾ پڙهڻ واري ڪهاڻي، اُٽت خودڪلامي، ڪارو ڪاري جي گهٽنا ائين بيان ڪيل آهي جڻ ته پانڪ به ان ۾ شامل ٿي وڃي ٿو.

ڪير جي اپامي هارجي وڃڻ تي بختاور جي رڙ ڪرڻ ۽ پنهنجو پاڻ تي ڪلڻ.

ڪهاڻيءَ جو اختتام لڳي ٿو تڪڙ ۾ ڪيو ويو آهي. چوڏهن پيجن جي ڪهاڻي مان تيرهن پيجن ۾ پانڪ ، ليکڪا جي خوبصورت قلمي پورهئي ، بختاور جي خودڪلاميءَ گهٽنائن سان مقناطيسي ڇڪ ۾ پڏل رهي ٿو.پرچناڪ 6 سالن جي عرصي ڪانپوءِ گهٽن عورت ڪردارن جيان طلاق ۽ مرد ان جو ذميوار، جو گهٽين عورتن سان هند، سنڌ يا ڌرتي جي گولي تي آباد گهٽن ملڪن ۾ ٿيندو رهي ٿو. سارنگ ، بختاور کي ان لاءِ طلاق ڏني جو پيجل جيڪو بختاور جو پاءُ آ تنهن شهناز يعني سارنگ جي ڀيڻ کي طلاق ڏني. اسان جي سماج ۾ خاندان ۾ شادي ۽ بدل جي شاديءَ جا اُگرا انگور نڪرن ٿا.

مطلب "هيءَ رات ۽ مقدر" ظاهر ڪري ٿي ته چاهي پيار جون شاديون،مائٽن جي منظوري، رضامنديءَ سان ڪيل شاديءَ جا فيصلا به ڪاري رات ، عورت لاءِ پيانڪ مقدر بڻجي ٿا وڃن.

"بارش" حسين ڪهاڻي ۽ رومانتڪ، جنهن ۾ محبت جا سندر نياپا ۽ باورچيخاني جو ذڪر، چانهه ناهڻ، اهو سڀ ڪهاڻيڪاره تي فطرت جو اثر. هر ڪهاڻي ۾ عورت جو اصلي مقام باورچيخانو آهي، عورت ۽ رنڍٽو پئي پاڻ ۾ سلهاڙيل آهن،پر هتي عورت ڪردار بارش جو مزو ماڻين ٿا ، پيار ڪن ٿا. ۽ جسم کان مٿي عورت هڪ روح به آهي. روحاني پيار جي طالب، جسماني پيار کان مٿيرو.

"هڪ سسئي پيا سور" ڪهاڻي ۾ فائرنگ ڪري سسئي کي سرد رات ۾ ڪٽي ويندڙ سردار جو پوليس ڇاپي ۾ پڪڙجي پوڻ کان اڳ جمن کي

سسئي حوالي ڪرڻ ۾ ڪيس مائٽن کي پهچائي ڏيڻ لاءِ چوڻ. پر جمن سسئي سان شادي ڪرڻ،ٻن ٻارن جو اولاد ٿيڻ.

وري سردار جو آزاد ٿي سسئي جو هٿ جمن کان واپس گھرڻ، جمن جو انڪاري ٿيڻ ۽ موٽ ۾ سردار جو جمن جي گھر تي حملو ڪرڻ. سسئي جو ٻارڻ کي ماري ڇڏڻ.

ڪهاڻي ۾ سسئي جو ڪردار آدرشي آهي تہ وري ڪو هن جي جسم سان نہ کيڏي، جمن سان شادي ڪري ٻارن جي ماءُ بڻجي، پر پنهنجي عظمت ۽ عزت نہ وڪڻڻ ڏي..... هڪ سٺو ڪردار عظيم عورت جو، پوليءَ جو وهڪرو ۽ اتردار وايومنڊل.

"دل جي دانهن" تسليم سحر جون جيڪي ڪهاڻيون مون پڙهيون آهن انهن ۾ ڪردارن جا نالا خوب وڻن ٿا، هن ڪهاڻيءَ جو عورت ڪردار سيما ۽ مرد ڪردار ساگر آهي.

سيما مٽن مائٽن هوندي بہ ٻارڻ کي اڪيلي ٿي محسوس ڪري، تنها تنها. هُوءَ ساگر کي پتي ۽ محبوب سمجهڻ ڪانپوءِ بہ دوست ٿيڻ وڌيڪ پسند ڪري ٿي. ننڍي هوندي ماءُ هن جون خاميون نہ ٿي ڏسي، پنهنجي اولاد ۾ تہ دنيا جي ڪنهن بہ ماءُ کي خامي ڏسڻ ۾ نہ ايندي آهي، سو ڪو خامي ٻڌائي ، ڪو هن کي ٻڌي.

ساگر کي بہ ڪنن ۾ ڪجهہ وجهڻ لاءِ چوي ٿي "ڪنن ۾ ڪجهہ وجهي مونکي ٻڌ ساگر"

هُو ناراض ٿي ۽ غصو ڪري هليو ٿو وڃي، هُوءَ پتين سان بہ همڪلامي ٿي ڪري. هن جون رڙيون دانهون جي دل جون هيون ، پتين ۾ دفن ٿي وڃن ٿيون.

آخر هُوءَ پنهنجن خيالن سوچن، همڪلاميءَ مان آزارجي جيت مار دوا ٿي کائي، چاڪاڻ تہ ساگر ڪردار هُن جي دل جون دانهون نٿو ٻڌي. پر هُوءَ بچي ٿي وڃي ۽ چوي ٿي جا مونلئہ موت بہ ايڏو مهانگو آهي جو مُلهہ نہ ڏئي سگهيس.

آئون بہ ڪهاڻي ليکڪہ آهيان مونکي سيما هڪ ڪمزور دل، ذهني بيمار ڇوڪري لڳي ٿي، جا سوچن ۽ خودڪلاميءَ جو شڪار آهي.

”دل جي دانھن“ ڪھاڻي ۾ خودڪلامي وڏيڪ، ڪھاڻيءَ جي محدود ھئڻ جو احساس ٿي رھيو آھي. زندگي بيحد خوبصورت آھي۽ ڪارائتي آھي عورت ۾ سگھہ آھي طاقت آھي. اھا ڳالھہ بہ ڪي قدر ھتي بہ نظرجي ٿي،پر سيما جي ڪمزوري جو سبب بہ ضرور نظرانداز ڪرڻ نہ گھرجي.

ڪھاڻيون ” ماٺ رھان تہ مشرڪ ٿيان، حضرت عشق، موت، رات جي پيٽ ۾، سُر جو سرجڻھار“ ۽ ٻيون تسليم سحر کان لکيل پڙھيون، غور سان پڙھيون، جي ھن ڪتاب ”پوترتا – پڇتاءُ“ ۾ شامل آھن ۽ ڪتاب سمبارا پبليڪيشن طرفان شايع ٿي رھيو آھي. ڪھاڻيون پڙھڻ کانپوءِ ٿورڙو ڪتاب جي باري ۾ چوڻ چاھيان ٿي تہ ٻوليءَ جي لحاظ کان ھي ڪتاب تمام سٺي وھڪري واري ٻولي، ڪردارن جي چٽ ، ماحول جو رنگ روپ ۾ سگھاري قلم سان سرجيو ويو آھي ۽ گھڻو ڪري مرڪزي ڪردار عورتون آھن ، سماج جو ذڪر ۽ ان جون جھونيون رسمون بہ ليکڪ چٽو نشانبر ٿي ڪري ۽ ھن عورتن جي درد، عشق، بيوسيءَ بابت دل کولي لکيو آھي. اميد تہ ھن ليکڪ جو ٻيو ڪھاڻي ڪتاب بہ جلد ھٿن ۾ ايندو، اڃان بہ سگھارو ۽ ادبي دنيا ۾ چانئجي وڃڻ وارو. آمين

مان ٿورائتي آھيان سمبارا پبليڪيشن جي جاکوڙي پبلشر ساجد سنڌي جي جيڪو سنڌي ڪتاب مسلسل ڇپي ٿو ، جنھن مون جھڙي آلسي ليکڪ کي مھاڳ لکڻ لاءِ راضي ڪيو ۽ تسليم سحر جو ڪتاب پڙھندڙن کي گفت پيو ڪري . شال ھي ڪتاب ڇپجي نالو ڪمائي ۽ تسليم سحر ادبي جڳت ۾ چاتل سڃاتل نانءُ ٿي چمڪي. آمين

شب چنتڪ
اندرا شبنم اندو
30 مئي 2017
پونا - ڀارت

**آ مهاڳ**

## جديد ڪهاڻيءَ جو سفر

جيئن هر نئون چاول ٻار پاڻ سان اهو پيغام آڻي ٿو تہ خدا اڃان انسان مان مايوس ناهي ٿيو، تيئن هر نئون ليکاري پنهنجو پاڻ سان اهو پيغام آڻي ٿو تہ ڌرتيءَ پنهنجي ڪائناتي مسيحائن، جنت ڪان اڃان سنڌي ناهي ٿي.

تسليم سحر جو ليکڪاڻو جنم بہ انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، تسليم رياضيءَ جي پڙيءَ وانگر آهي، جنهنجي پنهنجي ڪابہ قيمت ناهي پر هوءَ جنهن لکڻ واري فن سان جڙي آهي ان جي قيمت ڏهوڻي وڌائي ڇڏي اٿائين.

جيئن هڪڙي ڏيئي سان هزارين ڏيئا ٻاري سگهجن ٿا پوءِ بہ ان هڪ ڏيئي جي روشنيءَ ۾ حياتي گهٽجي نٿي، ائين ئي تسليم اهو بہ سمجهي ٿي تہ خوشيون ورهائڻ سان بہ اهي گهٽ ناهن ٿينديون، تڏهن تہ هن پنهنجي جيون جا انيڪ ڏک ۽ سک پنهنجي پڙهندڙن سان پنهنجي ڪهاڻين ذريعي شيئر ڪيا آهن.

چون ٿا تہ جيتري ايمانداريءَ سان ماڻهو نفرتون ڪن ٿا اوتري

ايمانداري سان جيڪڏهن محبتون ڪن تہ هي سڄو سنسار جنت ٿي پوي. بس اهائي ڳالهہ ياد ڏيارڻ لاءِ تسليم سحر ڪماٽيءَ جو سهارو ورتو آهي، هوءَ ان ڳالهہ ۾ ڪيترو ڪامياب وئي آهي ان جو فيصلو پڙهندڙ ۽ وقت ڪندو. ڇوجو وقت کي مون هڪ الڳ نظر سان ڏٺو آهي. 70ع جي ڏهاڪي ۾ جڏهن اسان سنڌ جي ننڍڙين وستين ۾ رهندا هئاسين تڏهن اتي جي هوٽلن تي، ميلن ملاکڙن ۾ پنجابي، سرائڪي ۽ اردو ٻوليءَ جا نہ رڳو ڪلام ٻڌبا هئا پر انهن جا مقابلا ٿيندا هئا ۽ اسان جڏهن سنڌي ڪلامن جي فرمائش ڪنداهئاسين تہ چيو ويندو هئو تہ فونو جو رڪارڊ يا ڪيسيٽون ملن ئي نٿيون. اسان ڏٺوسين تہ ڪروڙن جي بجيٽ سان ۽ اعليٰ ڊگري يافتہ اڪابرن جي سرواڻين سان روان دوان اسان جي ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ ۽ حفاظت لاءِ قائم ادارا جڏهن ٽڪي جو ٻوٽو نہ ٻاري سگهيا، تڏهن هڪڙو ويڳاڻو اڻ پڙهيل فنڪار ميدان تي لهي پيو جنهنجو نالو هو جلال چانڊيو. سنڌ جي مٿي ذڪر ڪيل ادارن جي سرواڻن سوڊو اسان جي نام نهاد ۽ نيم دانشورن ان جي خلاف ڪيتري بکواس ڪئي؟ اهو تہ پنهنجي تاريخ جو حصو آهي جو اڄ بہ ڪيسيٽ ڪلچر تي ڳالهائڻ لاءِ انيڪ ڏاها ور ڪنيون بيٺا آهن. پر ان جلال چانڊيي سنڌي ٻوليءَ کي اها بقا بخشي جنهنجا مثال نٿا ملن، سچي سنڌ ۾ سنڌي شاعريءَ جي گونج اهڙي اڀري جو تاريخ ڏٺو تہ پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن جهڙي اداري جنهن ۾ آڊيشن پاس ڪرڻ کان سواءِ ڪنهن کي انٽري بہ نہ ملندي هئي، جلال لاءِ دروازا کلي ويا تہ بنا آڊيشن رڳو پي ٽي وي کي ڪجهہ وقت مهيا ڪري.

وقت کي مون ائين بہ ڏٺو تہ جڏهن سنڌي اخبارون رڳو سرڪاري ٽينڊرن جي سهاري ٻہ چار هزارن جي تعداد ۾ شايع ٿينديون هيون ۽ سينسر شپ جي سهاري جڏهن آفتاب اخبار پي آءِ اي ۾ آفيشلي خريد هجڻ ۽ مسافرن کي ملڻ لڳي تڏهن اها سنڌين لاءِ اعزاز جوڳي ڳالهہ هئي تڏهن ماس ڪميونيڪيشن ۾ ڪنهن بہ ڊگريءَ کان سواءِ اسان جي هڪ جفاڪش نوجوان ناز سهتي شام جي هڪ اخبار ”خادم وطن“ کي اهو دم بخشيو جنهن مان اتساهجي محترم علي قاضي، محترم اسلم قاضي ۽ محترم ايوب قاضيءَ صبح جو هڪ اخبار آڻڻ جو

رٿيو ۽ ائين روزاني ڪاوش جو جنم ٿيو، ڏسندي ئي ڏسندي "علائقائي اخبارن" جي نالي ۾ قومي اخبارن جي سهولتن کان وانجهيل سنڌ جي اخبارن مان ڪاوش اهڙي جاءِ والاري جو قومي ڇا عالمي ادارا بہ ڪاوش جي حوالن ۾ تصديقن کان سواءِ پاڻ کي اڌورو سمجهڻ لڳا.

علي قاضيءَ جي ان وکري ڪم کي علمي ادبي ادارن کان هزارين ڀيرا مٿانهون ڪم سمجهيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ جو اڳ اسلام آباد ۾ ويٺل ماڻهو بہ سنڌ جي حالتن کان بيخبر پاڻ کي پرديسي سمجهندو هو، اڄ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ جو ماڻهو صبح جو نيٽ کولي روزاني ڪاوش ذريعي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جي خبرن کان آگاهہ ٿي، پاڻ کي پرديسي محسوس نہ ٿو ڪري.

وقت کي مون ائين بہ ڏٺو جڏهن سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان 78، 79 ۽ 80 وارن سالن ۾ اسان پي ٽي وي جي سنڌي ٻوليءَ کي خيرات ۾ مليل 25 منٽن ۾ وڌيڪ 25 منٽن جي اضافي لاءِ مظاهرا، بک هڙتالون ۽ احتجاج ڪيا هئا ، تڏهن وڏي جدوجهد ڪانپوءِ وڃي 50 منٽ مهيا ڪيا ويا تڏهن ڪاوش گروپ آف پبلڪيشن جي سرواڻن ڪي ٽي اين، ڪشش ۽ ڪي ٽي اين نيوز چينل قائم ڪري پي ٽي وي جي صوبائي سطح جي نيٽ ورڪ کان اڳتي سنڌي ٻوليءَ کي 24 ئي ڪلاڪ سنڌيءَ ۾ نہ رڳو آن ايئر ڪيو پر سڄي دنيا تائين ان کي پهچايو.

جنهن دوران سنڌي ٻوليءَ کي ڪمپيوٽرائيز دور ۾ داخل ڪرڻ ۾ ڀريون نالو انجنيئر محترم اياز شاهہ جو اچي ٿو جنهن ڪمپيوٽر تي سنڌي ٻوليءَ کي آٽي اخبارن ۽ ڪتابن جي اشاعت کي نہ رڳو آسان پر خوبصورت بہ بڻايو، جنهن کي تڪميل جي مرحلي تي اسان جي محسن محترم ماجد ڀرڳڙيءَ ايم بي سنڌيءَ ذريعي آندو جنهن ٻوليءَ کي اخبارن ۽ ڪتابن کان اڳتي گوگل تائين کڻي وڃي ٻوليءَ کي دائميت جي درجي تائين پهچايو ۽ اڄ ڪيئي نوجوان گوگل جي ٽرانسليشن جي مرحلي کي آسان بنائڻ جي ڪوشش ۾ ڏينهن رات هڪ ڪيون وينا آهن.

80ع جي ڏهاڪي کان اسان سڀ ٻڌندا پيا اچون تہ سنڌي

ڪتاب وڪامن نہ ٿا ۽ شاعريءَ جا ڪتاب تہ مورڳو نہ ٿا وڪامن پر روزاني ڪاوش جي هڪ پيج تي نوان ڪتاب جي سلسلي ۾ اوهان روزانو هڪ نئين ڪتاب تي تبصرو پڙهندا هوندا. جنهن پوليءَ ۾ 365 ڪتاب سال ۾ شايع ٿين(هي اُهي ڪتاب آهن جيڪي رڳو ڪاوش ۾ شايع ٿين ٿا جڏهن تہ ڪافي اهڙا بہ آهن جن جي پارسائي ڪاوش تائين ناهي يا پسند ناپسند تحت انهن جو ذڪر نہ ٿو ٿئي) يا ليکڪ ۽ پبلشر ڦ متن آهر پنهنجو ڪتاب ان سلسلي ۾ شامل نہ ٿا ڪرائڻ چاهين) ان پوليءَ جي حوالي سان ڪڏهن بہ مايوسي اجائي ٿي ڇئبي.

اسان جي پبليڪيشن جا نجي ادارا جن ۾ نہ مبارا، روشني ۽ سنڌيڪا وغيره شامل آهن. دنيا جي اهم اشاعتي ادارن مان آهن اهي ادارا سنڌي پولي، سنڌي ادب، تاريخ لاءِ اهڙا مورچا آهن جن جي ڪنهن سرڪاري اداري سان ڀيٽ ئي ناممڪن آهي.

اسان وٽ ڪجهہ ڏاها رڳو ان ڪم سان لڳل آهن تہ سماج ۾ ٽالرنس/برداشت ڪي وڌايو ويڃهايو وڃي. پر شايد انهن ڏاهن کي ٽالرنس جي بحالي جي سچي پراسيس جي خبر ئي ناهي. انهن کي اهو احساس ئي ناهي تہ روڊ ڪراس ڪرڻ لاءِ اڌ ڪلاڪ کان بيٺل ڪنهن ڪمزور لاءِ چار ماڻهوءَ ۾ اجان ڪيتري برداشت هجڻ گهرجي؟ انهن کي شايد اها بہ خبر ناهي تہ ايمبولينس ۾ سيريس حالت ۾ ويندڙ مريض جي پرسان پريشر هارن وڄڻ سان ڇا ٿو ٿي سگهي؟ اسان وٽ دهشتگردي تي ڳالهائڻ لاءِ هرڪو تيار وينو آهي ،پر هي جيڪو وقت سر پگهار/ اجورو نہ ملڻ، ٻارن جو اسڪولن ۾ داخل نہ هجڻ، ماڻهن کي صحت جي سهولت جي اڻهوند، صاف پاڻي، بجلي، روزگار نہ ملڻ جي دهشتگردي آهي ان تي ڳالهائڻ مهل اسان کي سوين دفعا سوچڻو پوي ٿو. اسان ڪڏهن سوچيو آهي تہ رياست روزاني بنيادتي بنياد تي ٽيڪس جي روپ ۾ اسان جو ڪيسو ڪيترا پيرا ڪٽي ٿي ۽ ماهوار يوٽيلٽي بلن جي مد ۾ ڪيترا پيرا ڪيسو ڪترجي ٿو ۽ ان جي موٽ ۾ رياست اسان کي ڇا ٿي ڏئي. نہ تحفظ، نہ تعليم، نہ صحت، نہ روزگار نہ صاف پاڻي نہ نڪاسيءَ جو نظام، نہ گيس، نہ بجلي!

ان کي ڇا چئجي؟ منهنجي نظر ۾ سڀ کان پهريان رياست کي

تسليم سحر جي جاءِ ڪٿي تي بيهي؟ اهو آءُ نہ ٿو چئي سگهان پر منهنجو ايمان آ تہ وقت ۽ عام ماڻهو ڏکڏهن بہ ناانصافي ناهن ڪندا موجوده دور جي پاڻ کي ڪنگ ڪانگ سمجهندڙ شاعر ۽ ڪهاڻيڪار جي ڪتاب جون هڪ هزار ڪاپيون 5 سالن ۾ ڪانہ ٿيون وڪامن اتي ايوب کوسي جو ڪتاب 3 ڀيرا شايع ٿئي ٿو. ان ڪري تسليم سحر کي بہ پنهنجي فن ۽ تخليقن تي ڀروسو ڪرڻ گهرجي اهي ضرور پنهنجي جاءِ ماڻينديون.

**ڊاڪٽر ظفر عباسي**
28 مئي 2017

## سقلتا جا ديپ ۾ مهانتا جي مهنداري جو شرف

ستي لکڻي کنهن " اوور ڪوٽ " مان نـ پر چئني ڊسائن يا وارتائن جي ڪُک مان نروار ٿيندي آهي ۾ اهو عمل هڪ اهڙو پيانڪ سچ بڻجي پوندو آهي جنهن تي نئين سر کوج (تحقيق) جي ضرورت آهي ، ويجهڙ جي سنڌي ڪهاڻي ڪي ڏسي ونو ، نئين ٿهي ڇا لکي رهي آهي ؟ ان تي ويچارڻ کان اڳ ان "سچ " جو تجزيو ضروري آهي . آس پاس جو وايومنڊل ،ذهني غلامي ،ريتن رسمن جي ڏپڻ ، اونچ نيچ جو ڦندو ، پرولي بڻجندڙ رشتا ، لطيفو بڻيل حيات ، اتفاق ۾ حادثا، ٽيٽي اڻ ٽيٽي ، آس نراس ، پـ واٽو ۾ ٿوهر راهداري جهڙا موضوع وڏين ڪهاڻين جو سبب بڻيا، رڳو اهو الميو ئي ڪافي ناهي ، پوري دنيا ۾ لکڻ لاءِ جيڪي بـ حادثا ۾ واقعا سامهون اچي رهيا آهن ، اهي سڀ ڪهاڻين جو حصو بڻجندا پيا وڃن، سماج جا پٽا معيار ، پاڙيسرين جو ورتاءُ ، رشتن جو تقدس ، پيار جي اٿاٿ ، پنهنجن جي ڏڪار هي سڀ رويا الڳ الڳ ڪهاڻين جو حصو بڻجي رهيا آهن .

هن ئي ڪهاڻين جي مجموعي جو جائزو وٺئون تـ "هي رات ۾

مقدر ،بارش ، هڪ سسئي پيا سور ، پوترتا ـ پڇتاءُ ،رات جي پيٽ ۾ ، دل جي دانهن ، حضرت عشق ، موت ، سُر جو سرجڻهار ۽ ماڻ رهان تہ مشرڪ ٿيان "تخليق جو سبب بڻيا آهن ، ڪڏهن تجريدي علامت جو سهارو وٺندي تہ ڪڏهن وري سڌن لفظن جي روپ ۾ ، جيئن سائڻ " تسليم سحر " جون تخليقون ، هن جي تخليقي دامن ۾ تلخ ، تز ، اندر ڇهندڙ ، ڇهنبڙي پائيندڙ لفظن جو ڀنڊار شامل آهي جيڪو مروج رواجن کي آرسي ڏيکاريندو رهي ٿو.

اڳاٽي سنڌي ڪهاڻي جو آسمان هن کان الڳ ناهي ،هتي بہ اهائي پيڙا آ جا اڳاٽين ڪهاڻين ۾ سموئيل آهي .هاڻ "علامت" ۽ "اشاري" ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ وارو زمانو گذري چڪو آهي ، لڪندڙ "دوستي" جي مذهب تي ويساهہ رکن ٿا ، هاڻوڪو سرجندڙ ادب پن ناراض دلين کي جوڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ، انهن ڪردارن کي اوهين تبديل ڪري بہ ڏسي سگهو ٿا، سياست دلين تي حاوي ٿي چڪي آهي پر نئون نسل سياست کان پاسيرو ٿيندي هڪبئي سان ڳراني پائڻ لاءِ آتو آهي .

ويجهي ماضيءَ ۾ " زبان بندي " جي جا صورتحال پيدا ٿي ، ان مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڪهاڻيڪارن /تخليقڪارن علامتي انداز اختيار ڪيو ، پين لفظن ۾ اهڙو ڪليو اظهار نہ ڪيو وڃي جنهن ، اُن وڃي ڪاٺ ۾ پئجي . هتي وارتائون ڳڻائڻ منشا ناهي پر ذهين ڪهاڻيڪارن / تخليقڪارن جو هڪ وڏو قافلو سنيون ۽ نڪور ڪهاڻيون /تخليقون سامهون آڻي رهيو آهي .

سائڻ تسليم سحر جون ڪهاڻيون نئين دور جون ڪهاڻيون ضرور آهن پر هنن مان ماضيءَ جا اولڙا بہ نظرجن ٿا ، هي ڪهاڻيون لفاظي هنر کان متاثر ناهن پر اڄ جو سچ ڳالهائيندڙ آهن .

هي ڪهاڻيون هن سماج جو چهرو آهن ، انائن جي گندگيءَ سان ڀريل چهرو ، جنهن ۾ اڃا سوڌو انسيت کي ڪا جائز والار ناهي ملي ، ان چهري کي ادب جي آرسيءَ ۾ ڏيکارڻ جي ضرورت پوي ٿي تہ سرجڻهار کي ڍڪيل لفظن ۾ نہ چاهيندي بہ چوڻو پوي ٿو تہ : " چهرن تي چڙهيل انائن جي دز کي هٽائڻ جي اجازت ناهي " .

ڪيڏي نہ خطرناڪ ڳالهہ آهي ...! رشتن ، ناتن جي سطح ڪهڙي وجي بيٺي آهي ؟ ، جذبا ڪٿي سمهي پيا هن ؟ ،احساس ڪٿي گم ٿي ويا آهن ؟ انسانيت ڪيئن تياس تي ٽنگجي چڪي آهي ؟ اهڙي ڇهري کي ڪالهہ تائين سامهون آڻڻ ايترو آسان نہ هو ، پر سائنڻ تسليم سحر جي ڪهاڻين ۾ هن سماج جي دزيل ڇهري جي جهلڪ ڏسڻ لاءِ ضرور ملي ٿي ، هنن مثالن مان اسين پلي پت سماج جي درد کي ادبي تخليق جي روشني ۽ ۾ پروڙي سگهون ٿا.

هن جي سمورين ڪهاڻين جو هيرو "وقت "آهي پر اهو بہ سچ آهي تہ سموريون ڪهاڻيون حادثن جي ڪک مان جنميون آهن ، سماج جون وارتائون پهرين بہ ڪهاڻين جو " ٿاٿ " بڻجنديون رهيون آهن پر هنن ڪهاڻين ۾ جدت پڻ بکي رهي آهي ، جا سرجڻهار جي ڪوتا ڪيتر ۾ پنهنجي حصي جو واڌارو ضرور ثابت ٿيندي .

هنن ڪهاڻين ۾ معاشري جي ڪردارن کي قلمبند ڪيو ويو آهي ، رڳو اهو ئي نہ پر موضوعن جي چونڊ ۾ انهن سان نياءُ ڇرڪندڙ سماج جي چيخ پڻ ثابت ٿيو آهي .

" پوترتا_ پڇتاءُ " سماج جو خاص ڇهرو بڻجي چڪو آهي ، ڪهاڻين جو هي ڳٽڪو انهيءَ سلسلي جي اهم ڪڙي آهي ، هتي هر ماڻهو هڪ مسخرو آهي ، اسٽيج جو ايڪٽر يا ڪٺ پتلي ، جنهن جون واڳون سدائين دز چڙهيل ڇهرن وٽ ئي رهيون آهن ، عوام کي رڳو اشاري تي پنهنجو ڪرتب ڏيکارڻ يا پنهنجو "رول" پلي ڪرڻو آهي ، هاڻ آهستي آهستي دز چڙهيل ڇهرن جي پڪڙ مان آزادي ملي رهي آهي ، نئون نسل هاڻ وڏي وات پنهنجي بات چوڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي ، ماحول چاهي جهڙو بہ هجي پر " پوترتا_پڇتاءُ " جهڙي تخليق ڪليل هوا ۾ ساهہ کڻڻ شروع ڪيو آهي ، مرد ليکارين جي هجوم ۾ عورت ليکڪا سامهون اچي چڪي آهي ۽ اها بي خوفي سان گڏ پنهنجيون ذميواريون نڀائي رهي آهي .

شال سندس هي قلم پورهيو سڦلتا جا ديپ جلائي مهانتا جي مهنداري جو شرف ماڻي .

**انور سومرو**

# هي رات ۽ مقدر



منهنجي جسم ۾ ايترو تہ ٿڪ جذب ٿي ويو آ جو جسم چڪناچور پيو ٿئي، ايتري تائين جو بستر تي پاسو بدلائڻ تي بہ دل نہ ٿي چوي، ڪا تڪليف بہ نہ آهي، ائين ٿو لڳي ڄڻ زندگي گهڙيال جي ڪانٽن وانگر بيهجي وئي آ، خبر ناهي مون ڪي ڇا ٿيو آ، ڄڻ صدين ڪان رڻ جهاڳيندي ۽ سفر ڪندي پئي اچان، ڄڻ رستن ۾ ڪنڊن ۽ پٿرن ڪر ڪنيو هجي ۽ سج پوري آب و تاب سان اڪيون وڇايون هجن،

منهنجي رستن جي خبر بہ نہ آهي، منزل ڪٿي ۽ ڪهڙي آهي، اڄ جڻ ڳلو چيريندي هجي، چپ سڪي چيرجي پيا آهن، چاهتون رت ڏيئي ڏيئي ساٽيون ٿي پيون آهن، اکين جو سمنڊ سڪي ويو آهي، جذبات ڪيڏا ويڳاڻا آهن، روح ڪيڏو زخمي آهي، سارنگ ائين ڇو ڪيو؟!.

هن منهنجي سچائيءَ ۽ تقدس سان پيار ڇو نہ ڪيو؟ ها هن لالچ وارو پيار ڇو ڪيو؟، هُو ڇو نہ ٿو سمجهي پيار ۽ پاپ ۾ فرق؟ هن کي بہ منهنجي سونهن سان پيار آ، اهڙي سونهن سان جيڪا پڻ ٽن سالن کانپوءِ دم ڏيندي ۽ جڏهن سونهن دم ڏيندي تہ پوءِ ڇا هُو مون سان اهڙو ۽ ايترو ئي پيار ڪندو؟ نہ! شايد نہ! جنهن جي سونهن ڪمزوري هجي، اهو ان کانسواءِ ڪين ٿو رهي سگهي، اڄ جيڪو منهنجي سونهن تي هام هاري رهيو آهي، اهو ڪنهن بہ ٻيءَ سونهن تي ساهہ ڏئي ٿو سگهي. شايد سج منٻو ٿي پيو آهي، رات ڌرتيءَ کي ڪاري چادر ۾ اوڍيل ئي ڏسڻ ٿي چاهي، الائي ڇو صبح ٿيڻ جو نالو ئي نٿو وٺي، ڪڏهن صبح ٿيندو؟ مان هن سان جيڪي بہ ڳالهيون ڪيان ٿي، هن کي منهنجون ڳالهيون ڳجهارتون لڳن ٿيون، ها شايد ان لاءِ جو هُو سڀ ڪجهہ وساري ڇڏي ٿو.

هن کي هر ڳالهہ نئين ٿي لڳي ۽ هو ان نئين ڳالهہ کي مختلف پاسن ڏي ڊوڙائي ٿو، ڪڏهن ڪڏهن ائين ڇو لڳندو آهي، جڻ هن کي منهنجي ڳالهہ منهنجي جذبن سان ڪو بہ لڳاءُ نہ آهي.

مان بہ ڪيڏي چري آهيان، هن جي واضح چوڻ کانپوءِ بہ ايترو نہ ٿي سمجهي سگهان تہ هتي صرف دال ۾ ڪارو نہ بلڪہ سڄي ساري دال ئي ڪاري آهي. نہ نہ ائين نٿو ٿي سگهي.

مان سارنگ کي پيار جي پاڪيزگيءَ سان چاهيو آهي، هُو منهنجي روح ۾ شامل ٿي چڪو آهي، هُو منهنجي روح سان نہ ٿو ڪيڏي سگهي، مون تہ هن کي هميشہ چنبيليءَ جي گل جيان ڏٺو آهي، تازو توانو، صاف ۽ پاڪ. هن جي وجود ۾ ڪارو گلاب ڪيئن ٿو ڦٽي سگهي؟، هُو تہ صبح جي ٺڏڙي هير جهڙو آهي، هو هن ڪاري ڏائڻ رات جهڙو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ مان تہ هن جي ايترو ويجهو اچي چڪي آهيان جيڪڏهن هن کان ڌار ٿيس تہ مري ويندس ۽ هن جي ان روپ سان جيڪڏهن هن جي ويجهو رهيس تہ منهنجو روح منهنجي اندر جو

انسان مري ويندو. نہ مان مومل جيان ڏاگهہ تي چڙهي ٿي سگهان، مان سهڻيءَ جيان سيرن ۾ لُڙهي ٿي سگهان، مان سسئي جيان جبل تہ جهاڳي ٿي سگهان، پر پيار کي پئسن تي وڪرو نہ ٿي ڪري سگهان.

ها مان اهو ڪڏهن بہ چاهيندي بہ وساري نہ ٿي سگهان تہ ننڍڙن پتڪڻ پيرن سان سيءَ جي پوهہ پارن ۾ جُتيِ نہ هجڻ سبب الل صبح جو شاپر پائي ڪيئن نہ مسجد ڏي ويندا هئاسين ۽ سچ جي نڪرڻ شرط صراط المستقيم جي صدا سان واپس گهر لاءِ ٻاهر نڪرندا هئاسين.

صراط المستقيم! صراط المستقيم ڪيڏو نہ عجيب آ منهنجو ننڍپڻ، بابا سائين جي پيار کان وٺي ماءُ جي هنج ۾ دڙڪن تائين، ڳوٺ جي گهٽين کان وٺي باغن ۾ وڻن جي لامن تي لڏڻ تائين معصوميت سان ڀرپور زندگي، ڪڏهن روئڻ ڪڏهن کلڻ ۽ ڪڏهن محنت مشقت سان چڪناچور جسم، اهي ڪاغذ جون ٻيڙيون، پوپٽن جون اڏارون، ڪُڪڙن جون ٻانگون، اونهاري ۾ پٽڙو پٽ ڪائڻ ۽ سياري ۾ ٻاهيون ٻاري مچ مچائي ٽوليون ناهي وڏڙن کان ڳالهيون ٻڌڻ، ڀلي ڪيڏو بہ دردناڪ ننڍپڻ گذريو هجي پر پوءِ بہ اهي ئي ڏينهن وٽندڙ هوندا آهن.

مان ڪيڏانهن جي ڪيڏانهن هلي وئي آهيان، صراط المستقيم ڪيڏو نہ روح کي راحت ڏيندڙ لفظ آهي، ايترو ئي مزو ۽ سرور شاهہ جي تنبوري ۽ ٻيجل جي چنگ ۾ رکيل هوندو، اندر کي مانار ڏئي ٿا چڏين اهي لفظ. خدا جي قدرت بہ ڪيڏي نہ عجيب آهي، ڪيڏي نہ الجهائيندڙ آهي، انسان تہ خدا جي نالي جي ڀرين اکر جي مام بہ پروڙي نہ سگهيو آهي، بلڪل ائين جيئن مان خدا جي تخليق مان هڪ سارنگ کي بہ نہ سڃاڻي سگهي آهيان، سارنگ ۽ سارنگ جو جنوني پيار هن رات تي بہ حاوي آهي پر مان هاڻي سندس سان ڪو بہ رشتو نہ رکنديس. پر رشتا ٽٽڻ جا تہ نہ هوندا آهن! ڇا گذريل وقت انسان جي زندگيءَ مان نڪري سگهي ٿو؟ مان هن جي سحر ۾ ايترو ڇو جڪڙجي وئي آهيان، ڇا مان هن جي طلسم مان آزاد نٿي ٿي سگهان؟ سڀ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو، انسان جبل کي ٽوڙي سگهي ٿو، انسان خدا کي ڳولهي سگهي ٿو، انسان ڪجهہ بہ ڪري سگهي ٿو تہ پوءِ مان صرف هڪڙي سارنگ کي ڇونٿي وساري سگهان؟. ها مان هن جو نالو دل جي بورڊ تان

مهتي ڏاهي ڇڏيندم، پر منهنجي دل جو ماس پتجي ڇو نہ پوي، پر منهنجي دل زخمي ٿي ڪم ڪرڻ ڇڏي وڃي ۽ بيهجي ئي ڇو نہ رهي.
مان رڳو هڪڙي شخص کي وڃائڻ واري خوف ۾ هزارين سٺا دوست وڃائي نٿي سگهان، مجيان ٿي سارنگ جو پيار، سارنگ جون نظرون منهنجي اکين جي درين کان ٿينديون، پتڪڙا پير پائينديون، دل جي ڪچڙي آڳر تي نشان ڇتينديون اندر وڃي ٿيون ويهن، دل ۾ ڪتڪتايون پيون ڪين، پر هن جي محبت جي تقاضا هڪڙي ۽ منهنجي حياءَ جي تقاضا ٻي آهي.
صبح ٿئي تہ مان سارنگ جا ڪن پٽي ڪيس چونديس تہ سائين هُو تنهنجو رستو ۽ هي منهنجو رستو، پاڻ پئي گڏ نہ ٿا هلي سگهون، مان ٻڙهي لکي بڻجي وئي آهيان تہ ان جو مقصد اهو ناهي تہ آئون ڳوٺ جي ريتن رسمن کان ئي بيخبر ٿي وئي آهيان. اسان پر ڪيڏا بہ ماڊرن ٿي وڃئون پر آهيون تاريخ ۽ تمدن ۾ قيد ۾ اسان جو معاشرو مسلم آهي، پوءِ پر ڪٽي ڪي ماڻهو ان لاءِ ڪهڙي بہ راءِ رکن، مون لاءِ اهو محترم آهي.
تون پر مون کي تيزاب سان ساڙي ڇڏ، پر مون کي ماري ڇڏ، منهنجي جسم کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڪُهي ڪنهن ڳوڻ ۾ وجهي اڇلائي ڇڏ پر مان، مان ئي رهنديس، بختاور ڪڏهن ماروئڙن مياري نہ ٿيندي، ڪڏهن پيار کي پاپ ۾ تبديل نہ ڪندي.
اوچتو فائرنگ ٿئي ٿي تہ بختاور جا خيال ڪانگ ٿي نہ جاڻ ڪيڏانهن اُڏامي هليا وڃن ٿا، سڀ گهرياتي جاڳي پون ٿا، اوڙو پاڙو اُٿي پوي ٿو، تورو اڳ جيڪو سڄو جهان اگهور ننڊ ۾ سُتو پيو هو، وائڙن وانگر وڦلڻ شروع ٿي ويو هيو، ڪنهن چيو شايد ڌاڙو آهي. ڪنهن چيو ڪتي ڪو ئي اغوا نہ ٿيو هجي. ڪنهن چيو نہ نہ اجايو ٿا ويساهہ وجايو، چور ڌنا هونداڻون، ان لاءِ فائرنگ ڪئي هونداڻون. ڪنهن چيو نہ نہ ادا جيڪڏهن ڪو هلڪو ڦلڪو واقعو هجي ها تہ ايتري فائرنگ نہ ٿئي ها.
مائرون پنهنجي ٻارن کي ڇُهتي وڃون، مالدار پنهنجو مال ڪيڻي لڪائڻ خاطر ڪُنڊون پاسا ڳولهڻ لڳا. بختاور کي اُلڪو ٿي پيو ڪتي ڪوئي مارجي نہ ويو هجي، ڪتي ڪا قيمتي جان نہ ڪُٺي وئي هجي، ڪتي ڪنهن جيجل جي هنج نہ خالي ٿي وئي هجي، ڪنهن ونيءَ

جو سهاڳ نہ ڦٽڪندو هجي، جبڪہ تہ وڃان ۽ وڃي ڏسان تہ سامرو ڇا آهي؟. ڪي نوجوان جيڪي وڏي دل رکندا هئا، اهي ٻاهر نڪري، بيهي رهيا، جن ۾ سارنگ بہ هيو، سارنگ جو آواز ٻڌي بختاور دهلجي ويئي، هن جا پير رڪجي ويا، ڪنهن اونداهہ ۾ ڇيو پٽ تون ڪاڏي؟ بختاور آواز سڃاڻي وئي، بابا سائين اها فائرنگ ڇا جي آهي؟

منهنجا ڄاني تون هل اندر هل، اسان پاڻ ئي خبر رکي توکي ٻڌائيندا سين، تون هل هلي آرام ڪر.

بختاور موٽي گهر جي اندر آئي ٿورڙي دير ڪانپوءِ هُل هنگامو ختم ٿي ويو، سڀ مرد پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن موٽيا، مالدارن سُک جو ساهہ کنيو، مائرون پنهنجي ٻارن کي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي سهاري پاڻ بہ وڃي پنهنجي ڪٽولن تي سمهي پيون، پر بختاور جي چهري تي اڄان بہ ڳنڀيرتا ڇانيل هئي، هوءَ پريشانيءَ سبب چڪر مٿان جڪر ڏئي رهي هئي، بلڪل ائين جيئن ڪاليج ۾ پنهنجي گروپ سان گڏ ۽ پنهنجي ويجهي ساهيڙي زينب سان هٿ ۾ هٿ ڏيئي رائونڊ لڳائيندي هئي، بس فرق صرف ايترو هيو جو ان وقت هن جي هٿ ۾ هن جي پياري سهيليءَ جي ٻانهن هوندي هئي ۽ چپن تي مرڪ هوندي هئس ۽ هن وقت هن جا هٿ خالي ۽ چپن تي دعا سان گڏ چهري تي تمام گهڻو فڪر ڇانيل هيو. هن جي چهري تي فڪر بہ مرڪ جيان ئي سونهندو هيو. هڪ ڏينهن سارنگ بختاور کي چيو هيو ڏس بختاور! مان تنهنجي سونهن ۽ سندرتا کي ڏسي تہ توتي عاشق ٿيو آهيان، تنهنجي سونهن تنهنجون ڳالهيون ٻڌي ئي تہ توتي سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ تي دل چوندي آ، جيڪڏهن تون سهڻي ۽ سندر نہ هجين ها تہ پوءِ مان ڪنهن ٻيءَ ڪنيءَ ڪوجهي کي چو نہ چاهيان ها، ان وقت بختاور جي چهري تي سوچ فڪر ۽ ساڳئي ڳنڀيرتا اڀري پئي هئي، هن جي سوچ ۽ فڪر واري چهري کي ڏسي سارنگ چوڻ لڳو، توکي سنجيدگي بہ نهي ٿي ۽ مہ -

بہ، توکي خدا ايڏو سهڻو ڇري ڪيئن پيدا ڪيو آهي؟ تو ۾ خدا ڪا بہ خامي نہ رکي آهي، انسان بنان ڪنهن خاميءَ جي ڪيئن ٿو پيدا ٿي سگهي؟!. جنهن تي بختاور کلي پئي هئي ۽ کيس چيو هئائين مون ۾ تہ هزارين خاميون آهن پر اهو ڳولهڻ واري تي مدار ڇڏيل آهي تہ هُو

خاميون ڳولي سگهي ٿو يا نه؟ اوچتو بختاور جا قدم رڪجي وڃن ٿا، سامهون هن جي پيءُ جو آواز اچي ٿو، ابا سارنگ الله امان ڏئي (بس هن جو پيءُ سارنگ ۽ پيا به ٽي مرد بختاور جن جي گهر آيا) بختاور جي پيءُ کين چيو اچو سائين ويهو.
بختاور سارنگ کان نظرون بچائيندي پيءُ کان پڇي ٿي بابا سائين ڇا ٿيو آهي؟.
امان ڳوٺ جي ٻن ماڻهن پنهنجي عورتن کي ڪارو ڪري ماريو آهي ۽ ڪارن جي گهرن تي ڪاهه ڪئي اٿن.
ڇا؟ بختاور وائڙي ٿي پيءُ کان پڇي ٿي، هن جي دل ٽچڪڻ لڳي ٿي، بلڪل ائين جيئن جبل ۾ لاوو اپامندو آهي ۽ حياءُ شرم ۾ ڪنڌ به ڪٽي هيٺ ڪيائين، پر اهو ڪيئن ٿيو بابا سائين اسان جي ڳوٺ ۾ ته ائين اڳ ۾ ڪونه هئو، هتي ته ڪنهن کي به پنهنجي پيٽ کان سواءِ ڪو به جذبو برغلائيندو نه هو؟
پُٽ! هتي به ته ائين ئي آهي، هنن کي به ته پيٽ ئي برغلايو آهي، پيٽ ئي هنن کي پنهنجي عصمت وڪڻڻ تي مجبور ڪيو آهي.
اهو وري ڪيئن؟ بابا...!
بختاور هنن پئسن خاطر پنهنجي ڇوڪرين کي بندوقن هوندي به ڪهاڙين سان ڏڪائي ڪپي ماريو آهي، ايتري ڏائين جو هنن جي شڪل صورت به ڏسڻ وٽان نه ڇڏي آهي، هنن جون آهون ۽ دانهون فضا ۾ گونجي گونجي ختم ٿي ويون پر هنن کو به احساس نه ڪيو، صرف ان لاءِ ته هُو ڪارن کان پئسا ۽ سگ وٺي سگهن، ان لاءِ هنن پنهنجون ڇوڪريون ڳوٺ کان ٻاهر جهنگ ۾ ڪُنيون آهن، جن جو گوشت ٻنين ۾ وکريو پيو آهي، ايڪڙن ۾ ڏوڙيون آهن، ويچاريون ۽ رت جيڪو بلڪل ڳاڙهو آهي ان سان هنن ميلن کي رنگيو آهي، سارنگ جي ڳالهه ٻڌندي بختاور هيٺ ويهي ٿي رهي، پنهنجي پيءُ جي گوڏن تي ڪنڌ رکي چوي ٿي بابا سائين پر اهو ته ظلم آهي، هوءَ بلڪل ساڻي ٿي وڃي ٿي جڻ هوءَ ئي ايڪڙن ۾ ڏوڙي هجي، جڻ هن تي ئي ڪهاڙين جا وار ٿيا هجن، جڻ هوءَ ئي لال لهوءَ ۾ ڳاڙهي ٿي هجي، هوءَ جيڪا اچي وڳي ۾ بلڪل جل پري ٿي لڳي، پيءُ به ساڻو ٿي چوي ٿو ها پٽ آهي ته

ظلم، پر پٽ اهي شيون اسان وٽ صدين کان هلنديون پيون اچن، نہ ڄاڻ کيترن کي ان رسم ڪائي ڪپائي ڇڏيو آهي، اسان وٽ اهڙا نہ ڄاڻ کيترا نہ مجيندڙ واقعا ٿين ٿا پر اسان نہ مڃڻ باوجود مڃي ٿا ونون، ڪڏهن اسان پيرسن مردن هٿ پئسن ۾ ڏيئرون وڪرو ڪري ٿا ڏيون تہ ڪڏهن 8 سالن جي ڌيءَ کي 50 سالن جي مرد سان ڪارو ڪري ٿا ماريون، ڇا ڪجي پٽ اسان جهالت جي دلدل ۾ ڦاٿل آهيون.

بختاور جي اندر ۾ ولُوڙ پئجي وڃي ٿو، سارنگ ڏي ڏسي پيءُ کي چوي ٿي بابا سائين توهان مرد .... ۽ جملو اڌ ۾ ڪٽي ڇڏي ٿي، هن جي آواز ۾ (جيڪو ڪوئل جيان مٺو آ) حراس ۽ ڏڪٽي اچي وڃي ٿي.

پيءُ شفقت ڀري نظر ڌيءَ تي وجهي ٿو، پيءُ جي پيار ۾ ڌيءَ ٿڌي برف ٿي وڃي ٿي، ٻيا خاندان جا وڏا ماڻهو بہ هن جي پيءُ ۽ کيس کي وائڙن وانگر ڏسن ٿا، هن جو پيءُ بختاور کي سيني سان لائي ٿو، مٿي تي هٿ رکي چوي ٿو پٽ الله سائين توکي حياءَ جي زيور سان نوازيندو ۽ تنهنجا نصيب ڀلا ڪندو، ائين چئي هو اڳتي نڪري ٿو، ڇو جو هاڻ ٻاڪ ڦٽي ايندي آ ۽ فجر جي نماز جو ٽائيم ٿيڻ وارو هوندو آ، ٿورڙي دير لاءِ ننڊ ڪري هن جي پيءُ نماز وڃائڻ نہ پئي چاهي. ٻيا سڀ بختاور جي پيءُ سان گڏ هيا ۽ سارنگ هن کان ٿورڙو پوئتي رهجي ويو هو، هُو سرگوشيءَ ۾ بختاور سان مخاطب ٿئي ٿو: بختاور مون کان جيڪڏهن ڪا غلطي ٿي هجي ۽ جذبات ۾ اچي تنهنجي ڪا دل آزاري ڪئي هجي تہ مون کي پنهنجو سمجهي معاف ڪري ڇڏجانءِ، مان توکي ڪنهن بہ حال ۾ وڃائڻ نٿو چاهيان، منهنجي ڪا ڳالهہ بُري لڳي هجئي تہ پليز! مون کي پنهنجو سمجهي معاف ڪجانءِ. مان تنهنجي اڳيان هٿ ٿو ٻڌانءِ.

بختاور هن جون ڳالهيون خاموشي سان ٻڌي ٿي هن جي اندر ۾ مانار اچي ٿي، سارنگ ٻيهر پڇي ٿو بختاور معاف ڪندينءَ نہ؟

بختاور نرم ٿئي ٿي ۽ چوي ٿي ها پر ان شرط سان تہ اهڙي غلطي ٻيهر ڪڏهن بہ نہ ڪندين، مان بہ توکان پري ٿيڻ نہ ٿي چاهيان، پر مون کي ڊپ آهي تہ تنهنجون اهڙيون غلطيون ڪٿي توکي مون کان وڃائي نہ ڇڏين.

نيت سچ جو مُرّيل پير بہ نيڪ ٿئي ٿو ۽ هو پنهنجي پنڌ تي نڪري اچي ڪاري رات جي چادر کي جهان تان هٽائي جڳ کي ڏيري ڏيري روشن ڪري ٿو، سچ جا ڪرڻا زمين کي چُمن ٿا تہ زمين حياءُ ۾ ترو تازه ٿي وڃي ٿي ۽ پنهنجي مٿان سمورا رنگ ائين ظاهر ڪري ٿي جيئن اکين جي اڳيان ڪليل ڪتاب مٿان چٽي ۽ واضح لکت هجي، ڪنهن اهڙي محبوبہ جيان جيڪا پريندءَ جي پيار اڳيان سمورا هار سينگار، ناز ۽ نخرا هاري ويهندي هجي، پکين جي چهچهاٽ ائين گونجي ٿي جو ڪنن مان آواز ٿيندو جسم ۾ عجيب قسم جي طاقت پري ٿو، بختاور پنهنجي ڪم ڪار کان آجي ٿي کير ڪاڙهڻ لاءِ ديڳڙي ۾ لاهي ٿي، هن جي ذهن ۾ سارنگ جا آخري لفظ گونجن ٿا، بختاور بلڪل نارمل کير کي ٿانو ۾ صحيح سلامت لهندي ڏسي ٿي، ڏسندي ئي ڏسندي کير ٿانو کان وڏي هيٺ واهيءَ جيان وهڻ لڳي ٿو مگر هن کي ڪو احساس ئي نہ آهي، اوچتو خيالن جي زنجير ٽٽي ٿي ۽ بختاور هڪ وڏي رڙ ڪري ٿي، جنهن تي سندس ماءُ جيڪا آرام ڪري رهي هئي، اُپي ٿي وڃي ٿي، اڙي امان ڇا ٿيو؟

هوءَ ماءُ جي پريشاني ۽ ڳنڀيرتا ڏسي بيباڪ کلڻ لڳي ٿي، ايتري تائين جو کلي کلي ساٽي ٿي پوي ٿي، ماڻهس هن جو کلڻ ڏسي چوي ٿي، ڏس تہ سهي ڇوڪريءَ کي ٻڌائڻ بجاءِ کلي ٿي، بختاور ماءُ جي حالت ڏسي خاموشي اختيار ڪري ٿي ۽ ماءُ جي ٻنهي ٻانهن کان وٺي کيس پاڪر ۾ ڪري ويهاري ٿي ۽ کيس مطمئن ڪرڻ لاءِ چوي ٿي، ڪجهہ بہ نہ ٿيو آ امان بس رڳو کير هارجي پيو آهي، اڙي امان اها بہ ڪا ڳالهہ آهي رڙ تہ اصل اهڙي ڪيئي جو مون سمجهيو تہ ڪا بجليءَ ۾ ڦاٿي آهي يا ڪنهن ڪاريهر ڏنگيو اٿس، ماڻهس شوخيءَ ڳاڙ ٻاجهاري لهجي ۾ چوي ٿي.

بس امان رڙ بہ پنهنجي پرڪارن تي ڪئي ۽ کل بہ پنهنجي پرڪارن تي پئي آئي، ڇڳو امان کير ڪاڙهيان تہ پوءِ اچي ڳالهايون ٿا.

ها پر هن کير تي هاٿي پوچو تہ هٽي وڃ نہ.

ها! امان هٽان ٿي، ائين چئي هوءَ کير گرم ڪرڻ لاءِ وڃي ٿي، اوچتو سارنگ جي ماءُ دروازي مان ڪنڌ ڪڍي ٿي.

سلام دعا ڪري هوءَ بختاور جي پيءُ جي پڇا ڪري ٿي، ابتري ۾ بختاور پوچو ڪٽي اچي ٿي سارنگ جي ماءُ سان ملي سندس ڏيءَ شانا يعني شهناز لاءِ پڇي پوچو هٽي وڃي ٿي.
سارنگ جي ماءُ چوي ٿي: ادي ماشاءَ الله بختاور تہ چوڏهين جي چنڊ ڪان بہ وڌيڪ نکري آئي آ.
ها ادي جواني آهي جواني تہ بهار مثل آهي، هر شئي کي مهڪائي ڇڏيندي آهي.
ها ادي چوين سچ ٿي پنهنجي جواني ۾ هن مهل جا ڏينهن ڏسون ٿا تہ سچ ڏينهن ۽ رات جو فرق اکين اڳيان اچي بيهي ٿو.
ڇڏ پيجل ماءُ مان بہ کھڙا قصا کولي ويٺي آهيان، بختاور جي اچڻ ڪري تو تہ پڏايو ئي ڪو نہ تہ ادو پنهون ۽ پيجل ڪيئن آهن ۽ ڪٿي آهن.
ها سارنگ ماءُ ادهن تہ رات جيڪا واردات ٿي آهي اوڏانهن ويو آهي، باقي الله شل سدا خوش رکي پيجل کي اهو پنهنجي پڙهڻ ۾ لڳو پيو آهي، ڊاڪٽري جو آخري سال اٿس، بس اهو پڙهي اچي ڳوٺ جي اسپتال سنڀالي، گهر آباد ڪري تہ منهنجا سڄي عمر جا ٿڪ لهي وڃن.
ها پيجل ماءُ تو بہ ڏاڍا ڏکيا وقت ڪڍيا پر شڪر ڪر هن وقت الله جو جنهن سڀ ڪجهہ ڏنو اٿئي.
ها ڀيڻ هن سڀ جو تہ مون خواب ئي ڪونہ ڏٺو هيو پر شڪر آهي، الله سائين جو هن ايترو تہ نوازيو آهي جو پنهنجا ٻار نہ صرف پڙهايا پر هنن جي مستقبل لاءِ بہ ڪوڙ ڪجهہ نهي ويو آهي، اهو سڀ تنهنجي پياءُ جي محنت ۽ ٻارن جو سٺو ڀاڳ آهي.
الله شل اجان بہ وڌيڪ سٺو نصيب ڪندن، آمين. پيجل ماءُ هنن جي مستقبل لاءِ ۽ شاديءَ لاءِ ڪجهہ سوچيو بہ اٿئي؟
سوچيان وري ڇا، پنهنجو پيءُ حال حيات ويٺو جو اٿن.
ڀيڻ پيجل ماءُ مان آئي هيس تو وٽ هڪ ڪان بہ ڪم ڪٽي.
هڪ ڪم تہ پاڻ اٿي تہ هلون ڇوڪرين جو منهن ڏسي اچئون، ويچارين ساڻ ڏاڍن ڏاڍو ڏاڍ ڪيو آ. اصل منهن جي رتي نہ ڇڏي اٿن،

ڏسڻ لاءِ، مائرن جا هنياءَ پيا ڦاٽن، هوءَ ادي ڦاپل تہ اصل هوش ۾ ئي ڪا نہ اٽن.

ها سارنگ ماءُ ڪيو تہ ظالمن ڪيس آهي پر ڪيس تي بہ ماڻهو واهہ، واهہ ڪندا هوندن.

واهہ واهہ وري ڪير ڪندو هوندن؟ هتي تہ سڄو ڳوٺ ئي سوڳوار آهي، پڪي پڪي ۾ پوتو پوتو ٿو روئي بهار ۾ ڄڻ تہ خزان ڇانيل آهي، ٻاهر نڪري تہ ڏس اصل هنيانءُ هٿن ۾ اچي پوندئي. شڪر ڪر جو ٿورڙي پر پري ۾ سهڻي ماحول ۾ آهين نہ تہ اتان تہ جيڪو اچي ٿو اصل پوساٽيو وڃي.

ڇڏ ادي تون ٻيو ڪم ٻڌاءِ تہ پوءِ هلون

ٻيو ڪم پيڻ موقعو تہ اهڙو ڪونہ آهي، اهڙي قسم جي ڳالهہ ڪجي، پر مڙئي ڳالهہ اڄليان تي توکي تہ خبر آهي جتي پير هوندي اتي پٿر تہ لڳندا، تون مڙئي سياڄهڙي آهين مون سوچيو مڙئي رات سارنگ پيءُ کي وني ايندس، ادي سان بہ ڳالهائيندس، دراصل پيڻ مان بختاور لاءِ جهولي ٽي جهليان، تون پنهنجي ڏيءُ منهنجي ڏيءُ بہ ڪر، مان سوالڻ ٻڄي تنهنجي در آئي آهيان، ٻيلي مون کي خالي جهوليءَ نہ اماڻجانءِ، منهنجي نماڻي التجا قبول ڪجانءِ.

بختاور ڪير ڪاڙهيندي هلڪي ڦلڪي سارنگ ماءُ جي ڳالهہ ٻڌي ورتي، دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳي ڄڻ تہ هن لاءِ بهار ئي هاڻي آئي هجي، هوءَ وڏيڪ گهرائي سان سارنگ ماءُ ۽ پنهنجي ماءُ جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳي ٿي، سومري جيڪا سندس ماءُ آ سارنگ ماءُ سان مخاطب ٿئي ٿي ادي مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي جيڪڏهن ائين ٿئي تہ، سارنگ مڙئي ڏاڍو سٺو ڇوڪرو آهي پر منهنجي پيڻ اهي معاملا تنهنجي ڀاءُ جي هٿ وس آهن، تون هيئن ڪر جو ادي جن کي رات وني اچجانءِ ، مرد مرد سان ڳالهائي تہ بهتر آهي.

پيڻ دراصل مون کي ڏاڍي بي صبري هئي، اڌ دلاسو تہ تو ڏنو آهي باقي اڳتي الله ٻيلي ڪندو، جيڪڏهن توکي ڪو اعتراض نہ آهي تہ پوءِ ڀاءُ کي ڇا جو اعتراض، مان تہ اصل خوشيءَ ۾ سڀ ڪجهہ وساري ٿي ويهان، هو ٻئي نڪري وڃن ٿيون پٺتي باقي بختاور بچي ٿي، اوچتو

در کڙڪي ٿو، بختاور در کولي ٿي سامهون سارنگ بيٺو هيو، سارنگ تون.

ها بختاور مان، مان توکان بغير رهي نٿو سگهان ۽ تون ڏاڍي سنگدل آهين ان لاءِ امان کي موڪليو هيم تہ جيئن ڪا بہ غلطي نہ ڪيان جو تون مون کان خفا ٿئين، تون جلدي پڌاءِ تہ تنهنجي ماءُ منهنجي ماءُ کي ڇا جواب ڏنو تہ مان وڃان ڪوئي ڏسي نہ ونئي ڪٿي ائين نہ ٿئي جو هنن ٻن لاشن سان گڏ هنن ٻن لاشن جو بہ واڌارو نہ ٿي پئي.

ڏس سارنگ مان تنهنجي ۽ پنهنجي ماءُ جون ڳالهيون ناهن پڌيون، مون کي کهڙي خبر تہ هوءَ ڇا چوڻ آئي هئي ۽ امان هن کي کهڙو جواب ڏنو، تون مون کي پڌائي ويو هئين تہ بختاور مان امان کي موڪليان ٿو، تون هنن جون ڳالهيون پڌجانءِ ۽ الله نہ ڪري جو مون کي اهڙو موت نصيب ٿئي.

ڏس بختاور مون کي ڏاڍي بيچيني آهي، مون کي جلدي پڌاءِ بنا کنهن مذاق جي تہ منهنجي من کي ڪا شانتي ملي.

ڏس سارنگ هاڻ تون مون کي تنگ ٿو ڪرين.

۽ بختاور تون، تون مون کي پاڻ مارڻ تي مجبور ٿي ڪرين، تمام تيز لهجي ۾ سارنگ بختاور سان مخاطب ٿي چوڻ لڳو.

چريو آهين مون کي لڳي ٿو تنهنجو دماغ ڦري ويو آهي، مان مشرقي ڇوڪري آهيان، جناب جيڪڏهن ٿورڙو گهڻو پڙهيم ۽ شهر ۾ رهيم تہ ڇا مغربي ٿي ويس، اجايو منهنجو ۽ پنهنجو قيمتي وقت ذيان نہ ڪر صبر ڪر تنهنجي ماءُ اچي تہ ان کان پڇ، هاڻي مهرباني ڪري تون هتان وڃ.

ڏاڍي سنگدل آهين بختاور ڏاڍي سنگدل، بختاور ٻارن جيان زبان ڪيڍي ويچارا ڪيڻ لڳس ۽ پوءِ در بند ڪري اچي پنهنجي منهن کلڻ لڳي، آئيني جي اڳيان اچي پنهنجو مڪمل جائزو ورتائين، ان وقت هونئن کان پاڻ کي ڏهوڻ تي وڌيڪ خوبصورت پئي لڳي، دل چويس پئي تہ جيڪر پاڻ سان ويهي ڳالهيون ڪري، ڇڻ اها بختاور نہ پر ڪا ٻي ڇوڪري هجي، جيڪا هن ڏي نهايت ئي پيار سان نهاريندي

هجي ۽ چوندي هجي تہ اڄ مون سان دل کولي ڳالهيون ڪر.

ٿوڙي دير ڪانپوءِ دروازو کڙڪيو دروازو بختاور کوليو، سامهون شانا بيٺي هئي، شانا تون؟

ها مان، مون کي ادي سارنگ موڪليو آهي، صرف اهو پڇڻ لاءِ تہ تنهنجي ماءُ منهنجي ماءُ کي ڇا چيو آهي؟

شانا تون اهو ڇا پئي چوين مون کي تومان اها اميد نہ هئي، تون پنهنجي پيءُ جي اهڙي ڳالهہ ٻڌي چوءِ مجي چو؟ ڇا پينر ان لاءِ هونديون آهن ۽ تنهنجي ماءُ تنهنجي گهر اچي نہ ها جو تون هتي پهتي آهين. تنهنجي ۽ منهنجي دوستي پنهنجي جاءِ تي آهي پر آئنده اهڙو ڪم هرگز نہ ڪجانءِ، مون ڪنهن جي بہ ڪا بہ ڳالهہ نہ ٻڌي آهي ،مون کي خبر ناهي تہ تنهنجي ماءُ ڇو آئي هئي ۽ هنن وچ ۾ ڪهڙي ڳالهہ ٻولهہ ٿي؟ تون هاڻي جهٽ سوا ويهہ مان ڇانهہ ناهي اچان ٿي، پي پوءِ وڃجان.

نہ بختاور مان ڇانهہ نہ پيئندس ڇو جو پيءُ جي حالت گهر ڏاڍي خراب آ، هن جي طبيعت ئي مون کي اهڙي ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو هيو، هاڻ مون کي هلڻ کپي، نيڪ آ جيئن تنهنجي مرضي، ايتري ۾ بختاور جي ماءُ بہ اچي ويئي، ڏيءَ شانا خوش تہ آهين نہ؟ ها پڦي مان خوش آهيان، توهان ٻڌايو؟ مان بلڪل ٺيڪ آهيان، پٽ ويهہ نہ بيٺي ڇا لاءِ آهين.

نہ پڦي مان هاڻ هلان ٿي، امان بہ گهر پهتي هوندي ۽ ڪجهہ ڪم بہ رهيل آ.

نيڪ آ پٽ جيڪا تنهنجي مرضي.

چڱو پڦي وري ڪنهن پئي ڏينهن ايندس.

چڱو پٽ الله نگهبان، شانا جي ويندي ئي ماٺهس بختاور ڪان پاڻي گهريو، پاڻي پي ويچاري نہ ڄاڻ الائي ڪهڙي جهان ۾ گم ٿي ويئي.

امان ڪهڙي سوچ ۾ آهين؟ بختاور جي سوال تي ڄڻ اوچتو ننډ مان جاڳي پئي.

ڪهڙي وري ڪهڙي سوچ ۾ هوندس، پٽ بس سوچيان ٿي تہ ڪيڏي بي درد آهي دنيا انهن ڇوڪرين جي دلين ۾ بہ پائرن لاءِ ڪيڏا

ارمان هوندا ۽ انهن ئي پائرن اهڙو داغ هٽي هنن کي بيدرديءَ سان ڪُٺو آهي، مارين ها، انهن کي ان ڪان به وڌيڪ اذيت ڏئي قتل ڪن ها پر گهٽ ۾ گهٽ ڪارو ڪري نه مارين ها! الائي ويچارين نياڻين جو آنُ ختم ٿي پيو اٿن الائي ڪهڙو مسئلو هُين جو ظالمن پنهنجن تي ايڏو ظلم ڪيو؟!

بختاور خاموشيءَ سان سندس ڳالهيون ٻڌي رهي هئي، اوچتو دروازو کليو، ٻيجل ماءُ خبر اٿئي ٻيجل ڳوٺ پيو اچي، بختاور جي پيءُ چيو.

نه نه اها ڳالهه ٻڌندي جڻ ته سڄي گهر ۾ شادمانا وڃي ويا، سڄو گهر ڄڻ ته ٽهڪي اٿيو، سڄو سوڳوار ماحول گلن جيان ٽڙي پيو، امان بختاور ان خوشيءَ ۾ شربت ته پيئار.

ها بابا سائين اجهو ٿي آڻيان. ائين چئي بختاور اندر وئي، بختاور پيءُ هڪ ٻي به خوشيءَ جهڙي ڳالهه آهي ڪهڙي؟

اڄ سارنگ ماءُ آئي هئي. بختاور جي سڱ لاءِ هُو رات به ايندا، مون کي ته ڇوڪر ڏاڍو وڻي ٿو، مون کي ته لڳي ٿو پنهنجي بختاور جو ڀاڳ کليو آهي.

معنيٰ ته تون ان رشتي تي راضي آهين؟ بختاور جو پيءُ پڇيس ٿو.

ها مان ته سمجهان ٿي اسان کي ها ڪرڻ گهرجي، بختاور جي ماءُ چئي ٿي پر وري به بختاور جي مرضي پڇڻ ضروري آهي، ڪنهن ريت ان جي مرضي به معلوم ڪر ۽ ها ٻيجل لاءِ به ڪجهه سوچيو اٿئي؟ بختاور جو پيءُ سوچ ويچار ۾ گم ٿي وڃي ٿو.

پوءِ پلا هيئن ٿي ڪريان جو بختاور کان به ڪنهن نموني مڙئي اوڳر ڪيڏي ٿي وٺان ۽ ٻيجل به شام اچي ته ان کان به مرضي پڇي شانا (شهناز) جو رشتو عيوضو ٿا وٺون. بختاور جي ماءُ مڙس کي صلاح ڏئي ٿي.

بختاور جو پيءُ کيس تاڪيد ڪري ٿو ته شام تائين اهو سڀ ڪم ڪري ڇڏجانءِ ۽ پاڻ ٻيجل کي وٺڻ لاءِ اڳيرو وڃيس ٿو.

بختاور ڏيءَ هيڏانهن ته اچ ماڻهس کيس سڏي پر ۾ ويهاري ٿي. ڏيءَ اهو سارنگ توکي ڪيئن لڳندو آ؟

چو امان ڇالاءِ تي پڇين؟

امڙ تون لڪيل پڙهيل آهين، توڪي مڙئي ماڻهن سڃاڻڻ جي گهٽي هوندي، ان لاءِ تي پڇان جو مون کي تہ اهو ڇوڪرو سٺو ۽ سلڇڻو لڳندو آهي پر مان ڏسڻ پئي چاهيان تہ ڪاٿي مون کان ماڻهوءَ سڃاڻڻ بہ هٿان تہ هلي ڪو نہ وئي آ؟ امڙ آخر تہ پوڙهي ٿي وئي آهيان نہ.

نہ امان نہ تون اڃان جوان آهين، پوڙهي ناهين، اجايو وهم نہ ڪر. تون ماڻهو صحيح ٿي سڃاڻين، بختاور ماءُ کي دلاسو ڏئي ٿي.

ماڻهس چيس چڱو ڏيءَ وڃي هاڻي رڌ پچاءَ جي ڪر ياڻهين پهچڻ وارو هوندو ۽ بختاور اتان اٿي هلي وئي.

اوندهہ پنهنجا پر پکيڙي ماحول کي پنهنجي گرفت ۾ آڻي ڇڏيو آهي، سارنگ جي ماءُ پيءُ ۽ بختاور جا ماءُ پيءُ توڙي ڀاءُ ڀيجل گهر جي پڌر تي کٽولن تي ويٺا ڳالهيون ڪري رهيا آهن، بختاور پريان چلهہ تي کير ڪاڙهي چانهہ ناهي رهي آهي.

بختاور جي پيءُ جو آواز بختاور جي ڪنن تائين پهچي ٿو اسان کي سارنگ جو رشتو قبول آهي پر اسان جو بہ هڪ شرط آهي.

سارنگ جو پيءُ ڪجهہ پريشاني ڳاڙ آواز ۾ شرط جي باري ۾ پڇيس ٿو، بختاور جو پيءُ چئين ٿو شانان جو رشتو اسان کي ڀيجل لاءِ عيوضو گهرجي.

سارنگ جا ماءُ پيءُ ڪجهہ سوچي اتي ئي ها ڪري رشتو پڪو ڪري ونن ٿا، بختاور سوچي ٿي جي ادا ڀيجل شانان سان صحيح نہ هليو تہ چا سارنگ عيوضي ۾ سندس پيار کي وساري ڇڏيندو ۽ ڪيس بدلي جي باهہ ۾ ساڙڻ لاءِ جلائي ڪيس ڏکن جون اماڙيون ڏيندو رهندو، بختاور پنهنجي منهن پڙڪي پوي ٿي، نہ نہ سارنگ ائين نہ ڪندو، سارنگ تہ ڏاڍو سياڻو ۽ ريتن رسمن کان نفرت ڪندڙ آهي.

پرهاڻي جڏهن سارنگ ۽ بختاور جي شاديءَ کي پورا ڇهہ سال گذري چڪا آهن تہ هوءَ پنهنجي ماءُ پيءُ جي گهر ۾ ڪٽ تي سنئل ڪاري رات جي چادر مٿان ٽمڪندڙ ستارن کي ڏسندي سوچن ۾ گم سم ننڊ ديويءَ جي اچڻ جو انتظار ڪري رهي آهي، ڀيجل شانان کي گهران ڪڏي ڇڏيو آهي تہ بدلي ۾ سارنگ بہ بختاور کان ننڍڙو پٽ کسي گهر

ڪان نيڪالي ڏئي ڇڏي آهي، بختاور ننيڙي هالار کي ياد ڪري اندر ۾ ڪڙهي رهي آهي ۽ سارنگ جي پيار کي سوچي سندس هنيانءَ ۾ چڪ ٿا پون، هوءَ سوچي ٿي تہ هن جو نصيب بہ شايد هن رات جهڙو آهي، جنهن جي جهول ۾ تارا ۽ چنڊ تہ آهن پر اهي ان جا پنهنجا ناهن، ان کي پل کن لاءِ اڏارا ملن ٿا ۽ وري ڪسجي وڃن ٿا.

# بارش



ڊسمبر جي 27 رات بارش منهنجا ڪپڙا پڄائي رهي هئي، گهر جا سمورا ڀاتي سيءَ وگهي گرم بسترن ۾ بارش جي مزي کان بي خبر سُتا پيا هئا. اوچتو ڪنهن جي هٿن منهنجي ڳلن کي پڪڙي ورتو، ڇڻ تہ قيامت اچي وئي، ذري گهٽ رڙ نڪري ويئي، ان کان پهريان جو مان آواز ڪيان، هُن پنهنجا چپ منهنجي چپن تي رکي زور سان چُوسيو، مان ڦٿڪڻ لڳم، هن سمجهي ورتو، ساهي پٽي چوڻ لڳو“ چري مان آهيان،

تنهنجو ديوانو.”

“اڙي هَٿُ مارايو هيئي ڪاٿئين، اچ هيڏانهن.” مان هن جي هٿ کي پڪڙي بورچي خاني ۾ گهلي ويس، هن کي ويهاري ٻاهه ٻاري گرم ڪمبل اوڙهائي چانهه تيار ڪرڻ لڳيس، هُو مسلسل مون ڏانهن ڏسندو رهيو، “هاڻ هيڏانهن اچ سمورا ڪپڙا پُسي ويا اٿئي، مون کان وڌيڪ توکي ڪمبل ۾ ويڙهجڻ جي ضرورت آهي، سمورو جسم بہ ڏيڪارجئي ٿو” مون کان ڇرڪ نڪري ويو، چڻ ياد اچي ويو، پنهنجي جسم ڏي ڏنم ۽ بي اختيار هن جي ڪمبل ۾ لڪي ويم، مون کان وسري ويو تہ هُو بہ ان ڪمبل ۾ آهي، هن پاڪر ۾ پريو، مان هن کي ڏسندي ئي رهجي ويم، هو گنگنائڻ لڳو، “ها نڪ جي قلهءَ جهڙو، ڪٿي آ نصيب منهنجو اهڙو ...”

“آهستي ڪٿي گهر ڀاتي اُٿي نہ پون ۽ ڇڏ منهنجي قلهءَ کي،” مان هن جي ڪمبل مان نڪرڻ جي ڪئي پر پوري طرح ان جي قبضي ۾ هيم.”

“ڇري ڳالهہ تہ ٻڌاءِ”

“اها ڳالهہ هن ڪمبل کان ٻاهر نڪري بہ ٻُڌي سگهان ٿي، ڇڏ مون کي!” آئون ڇڙي هن جي هٿ ۾ چڪ هڻي پنهنجو پاڻ ڇڏايان ٿي ۽ پوءِ چانهه ۾ ڪنڊ وجهي ان جي سامهون ويهان ٿي، “ها ! هاڻ ٻڌاءِ”

“ڇا؟!”

“جيڪا ڳالهہ اڳ ۾ ٻڌائين پيو”

“ڪهڙي ڳالهہ وسري ويئي؟”

“هاڻ ڇڏ بڪواس، ٻڌاءِ بہ!”

“ها ياد اچي ويئي، مان اهو چوڻ پئي چاهيو تہ شاعر ڪيڏا نہ ڇريا آهن، ڀلا ايترين شيون تيڻ جي ڪهڙي ضرورت آ، نڪ جي قلي، سڳي، مُنڊي وغيره وغيره بس منهنجي دل تہ چوندي آ، مان پاٽي هجان ها، ڀلا ٻڌاءِ تنهنجي دل ڇا چوندي آ؟”

“تون مونکي ڇڏ پنهنجي ڳالهہ ڪر!”

“ها منهنجي دل چوندي آ، جيڪر مان پاٽي هجان ها، بارش

ٻڌجي تنهنجو جسم چمان ها، تنهنجو اڱڻ پچايان ها ۽ پوءِ تون پنهنجا پير رکين ها، مان تنهنجا پير چمان ها، تون مون کان پري نہ رهي سگهين ها، مون کي پيئين ها اڄ اجهائڻ لاءِ، مان تنهنجي چپن کان ٿيندو تنهنجي پيٽ ۾ هليو وڃان ها، تنهنجي رڳ رڳ ۾ گهمان ها، تون وهنجين ها تہ مان تنهنجي وارن کان ٿيندو تنهنجي پيرن ۾ پوان ها، يعني هر وقت توسان گڏ رهان ها، توکان پري ئي نہ ٿيان ها، ڪيڏو مزو اچي ها، تون مون کي پنهنجي چپن سان ٽڪرائين ها، مان تنهنجا سڪل چپ آلا ڪري تنهنجي نڙيءَ کان لهندي تنهنجي اندر وڃان ها!"

"هاڻ بس خواب ڏسڻ ڇڏ، هيءَ وٽ چانهہ پي!"

"تورڙي پي ڏي نہ!"

"نہ مونکان اهو سڀ ڪجهہ نہ ٿيندو!"

"ڏس هاڻ ڪيڏا ايلاز ڪرڻا ٿا پون، پوءِ تہ تون اها چانهہ بہ مونسان ناهين ها، تنهنجي جسم ۾ روح جيان لهان ها ۽ ڪوئي مونکي توسان ملڻ کان جهلي بہ نہ ها ۽ مون کي چوريءَ ملڻ جي ضرورت بہ نہ ٿئي ها، ڀلا ٻڌاءِ اها ڳالهہ سچي آهي يا ڪوڙي؟"

"بروبر سچي آهي، توسان ڪير پڇندو، تنهنجي ڪمڙي ڳالهہ ڪجي ۽ جيڪڏهن مان پاڻي هجان ها تہ؟"

"تون تہ پاڻيءَ کان بہ وڌيڪ آهين، منهنجي سائڻ، مان صديون اڃ پچائي سگهان ٿو پر توکان هڪ پل بہ پري نٿو گذاري سگهان، تون پاڻيءَ کان بنا ئي روح ۾ لهي وئي آهين!"

"سائين تون مون کي وساري نہ ڇڏيندين نہ؟"

هُو ڀنهي هٿن جو ڀڪ ناهي مونکي چمي چوڻ لڳو "ڀلا مان توکي وساري سگهندم پر اهو ئي سوال مان توکان ٿو پڇان، ڇا تون مون کي وساري سگهندينءَ؟ جان تون تہ مون کان پڇڻ ٿي چاهين، اها منهنجي ئي محبت آ، جيڪا توکي ڇڪي منهنجي قريب ٿي آڻي، تون هميشہ مون کان اهڙا سوال ڇو پڇندي آهين، ڪڏهن ڪڏهن تہ مون کي ائين

لڳندو آ ڇڻ تون ڪو سوالي پرچو هجين ۽ مان توکي جواب ڏيندو هجان!"

مون هن جا هٿ پڪڙي چيو "تون سوالن جا جواب ڏيڻ کان ايڏو ڇو ٿو لهرائين، مون کان پڇندو ڪر، جيترا به سوال پڇي سگهين، مان توکي جواب ڏيندم، تون پنهنجو پاڻ کي مون کان لڪائين ڇو ٿو؟، ڇو ٿو مون کان پري ڀڄين، منهنجي اڳيان پنهنجو پاڻ کي ڪتاب جيان کولي ڇونه ٿو رکين، تون پنهنجون خوشيون ته مون سان شيئر ڪرين ٿو، مونکان منهنجا ڏک به وٺين ٿو پر پنهنجا ڏک ،پنهنجا احساس مون کان لڪائين ٿو، الائي ڇو مون کي احساس ٿئي ٿو، ڇڻ تون مون سان ڪوڙ ڳالهائيندو هجين!"

ماحول ڪجهه سنجيده ٿي ويو، چانهه به ختم ٿي ويئي.

"سائين اڄ جي دنيا ۾ هر رشتو ترڪڻو ٿي پيو آهي، بس ٿورڙو بيلينس هيڏي هوڏي ٿيو، رشتو ترڪي ڌتي پيو، پوءِ پل اهو ڪيترو به پڪو رشتو ڇو نه هجي، الائي پنهنجي پيار جو رشتو به هن دنيا جي گدلاڻ جو شڪار نه ٿي پوندو، الائي ڪٿي ترڪي نه پوندو؟!"

"تون چري آهين، واقعي چري آهين، هيڏانهن اچ لڪ منهنجي سيني ۾ ۽ ٻڌ منهنجي دل جو آواز پر سمجهجانءِ پاڻ!"

"پر مون کي ته ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي، صرف ٺڪ ٺڪ ٿي ٿئي"

"چري منهنجي دل چوي ٿي"

Mountain can fly,
River can dry,
You can forget me,
Never can I.

"مون تي پنهنجي انگريزي جو رعب نه جمائيندو ڪر، خبر به اٿئي ته مون کي انگريزيءَ کان چڙ آهي، مان نج سنڌي آهيان، منهنجو انگريزيءَ

سان ڇا؟، انگريز پڇي ٿي منهنجي ڪري ويا هئا بر صغير مان، هنن کي خبر پئجي ويئي هئي تہ سنڌ ۾ هڪ اهڙي ڇوڪري پيدا ٿيندي، جيڪا اسان جي ٻوليءَ کان نفرت ڪندي ۽ هوءَ اسان جي ٻولي جو ٻيڙو ئي غرق ڪندي تہ انگريز منهنجي پيدا ٿيڻ کان اڳ ئي ڀڄي ويا، نہ تہ تون بہ غلام هجين ها، گورن جو ۽ هنن جي اڳيان هٿ ٻڌي ڪندو رهين ها، يس سر، يس سر!"

"هاڻ ڦاٽي آهين نہ، سمجھہ ۾ نٿو اچئي نہ جڏي، سڌي ڳالھہ ڪر نہ ٻهانا ڇوٽي ڪرين!"

"سائين توهان جي لاءِ اطلاع آهي تہ مان ايتري بہ جاٽي ناهيان جو توهان جو ايترو بہ مطلب نہ سمجهي سگهان!"

"ها تہ پوءِ ٻڌاءِ ڇا مطلب آ، هن شعر جو؟"

ان جو مطلب هي آهي :

"جبل اڏامي سگهن ٿا،
نديون سڪي سگهن ٿيون،
تون مون کي وساري سگهين ٿي،
پر مان ڪڏهن بہ نہ."

اوچتو پيرن جو آواز آيو ۽ آواز وڌندو ويو، "ڇوڪري هتي ڇا پئي ڪرين، ڪنهن سان ٿي ڳالهائين، هڪ ڪمر جو سيءُ، پيو بارش ۽ تون هتي هي بہ ڪوپ، ڪنهن جي لاءِ چانھہ ناهي اٿئي، هي ڪير تہ ياٿمين لاءِ رکيو هو، صبح هن کي جلدي وڃڻو هو شهر!، ڇا سچو ڪير ڪپائي ڇڏيئي؟، ڪنهن جو ٿي انتظار ڪرين؟، هھڙي سيءَ ۾ ڪپڙا بہ آلا ڪيون ويٺي آهين، بيمار نہ ٿي پئين، اڏ رنگو نہ ٿيئي، پوءِ ڪير اچي علاج ڪرائيندئي، اسان غريب آهيون، پاڻ وٽ ايترا بہ پئسا ڪونہ آهن جو مري وڃين تہ قبر ۾ دفنائي سگهئونءِ!"

"جيجي چپ تہ ٿي نہ، منهنجي بہ تہ ڳالھہ ٻڌ، مان ان ڪري نڪري آئي هيس جو مينهن ڇڙي ويئي هئي ۽ هي بہ چانھہ جا ڪوپ ان لاءِ ناهيا جو سيءُ پيو ٿئي، هڪ تنهنجي لاءِ، هڪ پنهنجي لاءِ، مون

سوچيو توکي اتاريان ٿي، پر جيڪڏهن تون نہ بہ اٿينءَ تہ پئي ڪوپ آئون پاڻ پيئنديس ۽ کير سمورو ڪونہ کپايو آ، ڪجھہ بچايو آ، پاءُ صبح بارش جي ڪري سوير شهر ڪو نہ ويندو، آئون تازو کير ڏُهي ڏيندم، پاءُ کي تون فڪر نہ ڪر چانھہ پي"

"پر چانھہ تہ ٺري ويئي آ!"

"ها هھڙي سيءَ ۾ ٺري تہ ويندي نہ، پيھر گرم ٿي ڪري وٺان!"

"امان ڪجھہ خيال ڪر، مون کي تہ لڳي ٿو تون الائي جي ڪھڙا خواب ٿي ڏسين، پنھنجو پاڻ کي بہ ذليل ٿي ڪرين ۽ اسان کي بہ خوار ٿي ڪرين!"

"کي بہ خواب ڪو نہ ٿي ڏسان، وٺو چانھہ پيئو، گرم ٿي ويئي آ!"

"چڱو هاڻي هي ڪپڙا بہ لاهہ ۽ هلي سمھہ، اسان کي بہ سمھڻ ڏي، هاڻ تہ بارش بہ ختم ٿي ويئي آ، صبح سوير اٿڻو اٿئي!"

"حاضر جناب حاضر!"

سائين کلندو رهيو ۽ سرہاڻن ۾ چوڻ لڳو

Life is the name of searching,
Life is not a bed of roses.

هُو ڏنڊ تيندو ويو، اکين ۾ بادل ٿي لهندو ويو، پوءِ اکين ۾ بارش شروع ٿي ويئي، عڪس تجليون ڏيڻ لڳو، اشعارن جون گوڙيون ٿيڻ لڳيون، اهي اشعار جيڪي مون هن لاءِ پئي چيا ۽ جيڪي هن مون لاءِ پئي چيا.

ڪي ويجھا بہ ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين،
ڪي چڙهن نہ چت تي، ڪي وسرن نہ مور.

لاک ديکي حسن والي، يهان وه پي ٿي لاجواب،
مگر تم سا ڪوئي نهين.

......

سنا هي مل جاتي هي هر چيز دعا سي،
هم يي تجهي مانگ کي ديکين گي خدا سي.

......

اکين ۾ تي ويهہ تہ واري آئون ڍکيان
توکي ڏسي نہ ڏيهہ، نہ آئون پسان کي پيو!

......

ميري دل کو يقين هي کيي تم جدا نہ هوگي،
ميري زندگي کي مالک کيي تم خفا نہ هوگي.

......

ککرن رات لکايو پک ۾ چنڊ جيئن،
تنهنجو پيار ائين، سانڍيو آمون ساهہ ۾.

# هڪ سسئي پيا سُورَ



هوءَ 9/9 انچ گول آئيني ۾ پنهنجو عڪس ڏسي رهي هئي ۽ پنهنجي صورت ۽ خد وخالن ۾ خاميون ڳولهي رهي هُئي، پر ان وقت هن کي ڪا بہ خامي نظر نہ پئي آئي.

سوچي پئي تہ "هونئن هن کي پنهنجو نڪ بہ نہ وڻندو آ، اکيون بہ نہ وڻنديون آهن، پنهنجو رنگ بہ نہ وڻندو آ ۽ چپ، چپ تہ بلڪل نہ وڻندا آهن، پر اڄ اهي سڀ چوڻا وڻن، هي ڏس منهنجا وار بہ ڪيڏا نہ

ڪارا ۽ سهڻا ٿي ويا آهن، اڄ ڪا پري آئي هئي مون تي جادوءَ جي ڇڙي گهمائي وئي هئي جو آئون ايڏي سهڻي ٿي وئي آهيان، اڙي هي ڏس منهنجي ڳِتن جون گولائيون، نڪ جي چوٽي چمڪي ٿي، ڀلا اها ڪيئن چمڪندي آهي ۽ ڇو چمڪندي آهي؟" سسئي معصوم ٿي آئيني سان ڳالهيون ٿي ڪيون.

اوچتو سڄي ڳوٺ ۾ فائرنگ ٿي وئي، ڪجهه ماڻهو فائرنگ ڪندا هن جي گهر ۾ به گهڙي پيا، گهر جي اڱڻ ۾ هن جو بيمار پيءُ ۽ پوڙهي ماءُ، چاچو ۽ ننڍڙو ڀاءُ ڪتن تي ويٺا هئا، جيڪي هڪدم اٿي بيهي رهيا، ڪجهه ماڻهو انهن جي مٿان هٿيار سڌا ڪيون بيهي رهيا ۽ انهن مان هڪ ڄڻو اندر داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ته سسئي ٻاهر نڪري آئي.

سسئيءَ جي نڪرڻ شرط همراهه هن جي ٻانهن کان پڪڙيو ۽ ڇڪي وٺي هلڻ لڳو.

سسئي "ڇڏ مون کي ڪاڏي ٿو وٺي وڃين، ڇڏ مون کي ڪير آهين تون؟" هوءَ رڙيون ڪرڻ لڳي.

هن جو ڀاءُ ۽ چاچو به اڳتي وڌيا، "ڇڏيو حرام زاده اسان جي نياڻيءَ کي ڇڏيو، ڇا پنهنجون نياڻيون نه اٿوَ ڇا؟"

چاچي جي مٿي ۾ هڪڙي بندوق جو قنداق وهائي ڪڍيو ويو، جنهن جي ڪري هُو بيهوش ٿي ڪري پيو ۽ انهن مان هڪ ڄڻي ٻه گوليون هن جي معصوم ڀاءُ جي ڇاتيءَ ۾ لاهي ڇڏيون، ننڍڙن لوهه جي ٽڪرن جو اثر نه سهڻ ڪري هُو زمين تي ڪِري پيو.

پيءُ پُٽ جي مٿان رڙيون ڪري ڪِري پيو، "ظالمو ظلم ڪيو اٿوَ، اسان توهان جو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟"

ماءُ ڌيءُ کي ڇڏائڻ لاءِ هڪ جا هٿ پڪڙيا، ان هن کي ڌڪو ڏنو، سسئي "ڀائو، چاچا، بابا، امان ..." ڪري رڙيون ڪندي رهي، "بابا مون کي بچاءِ، امان مون کي بچاءِ، ڪوئي آهي جيڪو مون کي بچائي."

پر ڪوئي به نه هو جيڪو ان کي بچائي.

سسئي ائين ظالمن جي ور چڙهي وئي پر ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ ان جڳهہ تي پوليس ڇاپو هنيو ۽ سردار، سسئي جمن نالي هڪ پئي ماڻهوءَ کي ڪيڏي ڏني ۽ چيو "هيءَ منهنجي امانت آهي جيڪا پنهنجي مائٽن تائين پهچائڻ تنهنجو فرض آهي."

جمن اتان تہ سسئي کي ڪيڏي آيو، سردار پنهنجي ٽولي سوڌو گرفتار ٿي ويو.

جمن سسئي کي بجاءِ ماءُ پيءُ ڏي پهچائڻ جي پاڻ وٽ رکي ڇڏيو، جنهن مان هن کي هڪ ڏيءُ ۽ هڪ پُٽ جو اولاد بہ ٿي ويو، گهڻا سال گذرڻ کانپوءِ سردار آزاد ٿيو ۽ جڏهن هن کي پڌايو ويو تہ سسئي کي بجاءِ ماءُ پيءُ وٽ پهچائڻ جي جمن پاڻ وٽ زال ڪري ويهاريو آهي، تہ هن جي اندر ۾ باهہ ڀڙڪي پئي.

هن جمن ڏي خط لکرايو "منهنجي امانت ۾ خيانت ڪرڻ جو تو سوچيو ڪيئن، ڇا تون ان جي انجام کان ناواقف هئين؟."

جمن سردار ڏي جواب لکائي موڪليو "سائين مان توهان جي امانت مائٽن تائين ڪيئن پهچائي پيو سگهان؟، هوءَ پنهنجي مائٽن ڏي وڃڻ نہ پئي چاهي، هن جو چوڻ هو تہ آئون ڪهڙو منهن وٺي ويندم؟، اتي ڪيئن زنده رهندم؟ مون کي منهنجي پيءُ جو موت ۽ ماءُ پيءُ جي بيوسي جيئڻ ڪونہ ڏيندي، ماڻهن جا مهڻا ڪنڌ مٿي ڪڻڻ نہ ڏيندا، اهڙي زندگيءَ کان مون کي ماري ڇڏ، هن منهنجي پيرن تي لٿو لاهي رکيو ۽ واسطا پڻ ڏنا، جنهن بعد مان مجبور ٿي پيس پاڻ وٽ ڪهڙي حيثيت سان رکان ها، هن جي خواهش سبب مون هن سان نڪاح ڪيو ۽ هن کي عزت ڏيڻ جو فيصلو ڪيو، جيڪڏهن توهان کي اها ڳالهہ ناگوار لڳي آ تہ آئون توهان کان معافي ٿو وٺان اميد تہ مون کي معاف ڪندا."

پر سردار معاف ڪندڙن مان نہ هو، هن ان ڏانهن وري هڪ خط لکائي موڪليو "جمن انجام لاءِ تيار ٿي ويهہ."

جمن پڻ جواب ڏنو "سائين هاڻي سسئي منهنجي عزت آ ۽ جمن ايترو بيغيرت ناهي، مان هر انجام لاءِ تيار آهيان."

ڪجهہ ئي ڏينهن ڪانپوءِ سردار جمن جي ڳوٺ تي چڙهائي ڪئي، ڳوٺ جا ست ماڻهو ماري جڏهن سڀئي وٽ پهتو تہ سڀئي جو خنجرن سان چچريل لاش ڏسي حواس وڃائي ويٺو جيڪي گهاوَ هن کي ڪنهن به نہ پر سڀئي پاڻ ڏنا هئا، ان جي اکين اڳيان.

# پوترتا ـ پڇتاءُ



هُو ٻئي غزلن جا شوقين هئا، پاڪيزه خيال ۽ پاڪيزه روح، سلميٰ جيڪا ٻن ٻارن جي ماءُ هئي ۽ سورج جيڪو پنهنجي نالي جيان روشن، جنهن جا ٻئي ڳتا سورج جيان ڳاڙها ۽ روشن هئا ۽ اکيون ڄڻ تہ اجالن جا آکيرا. سلميٰ خوبصورت مگر نهايت معصوم هئي، جڏهن هن سورج کي ميوزڪ سينٽر تان ڪيسٽ خريد ڪندي ڏٺو تہ هن ڪان اندر ئي اندر ۾ رڙ نڪري وئي ۽ جڏهن هن شاپ ڪيپر ڪان ساڳئي ڪيسٽ

جي فرمائش ڪئي جيڪا سندس هٿ ۾ هئي تہ وڌيڪ حيران ٿي.

"يار اها ڪيسٽ تہ هيءَ اڌي پئي خريد ڪري ۽ اسان وٽ تہ اها هڪ ئي ڪيسٽ بچي هئي." سورج کي دڪاندار جواب ڏنو. تڏهن سورج سلميٰ ڏي ڏٺو، هڪ ئي نظر ۾ دهلجي ويو، هن جي معصوميت ۽ اکين جي گهرائي ۾ ٻڏي ويو، نہ ڄاڻ ان وقت سلميٰ بہ الائي ڇو ان ڪيسٽ مان هٿ ڪڍڻ چاهيا ،پر پاڻ سنڀالي ورتائين ۽ ڪيسٽ کڻي دوڪان تان هلي آئي.

وري جڏهن هوءَ ٻئي دفعي ساڳئي دوڪان تان ڪا ٻي ڪيسٽ خريدڻ لاءِ وئي تہ ڇرڪجي وئي، جڏهن سورج اڳ ۾ ئي ان جو انتظار ڪري رهيو هجي، هوءَ ڪيسٽ جو البم نمبر ڏئي انتظار ڪري رهي هئي تہ سورج چيو "ايڪسڪيوزمي پليز ڇا توهان اها ڪيسٽ ٻڌي؟"

"جي ها ٻڌي." سلميٰ جواب ۾ چيو.

"ڪيئن هئي؟"

"ظاهر آ سٺي هئي."

"دراصل مون کي اهو البم ملي نہ ٿو، اگر توهان مون کي اها ڪيسٽ ڏيو تہ توهان کي ڪاپي ڪرائي واپس ڏيندس."

سلميٰ سورج جي التجا کي ٻڌي بي اختيار مرڪي ويئي "پر توهان مون کي ڪيسٽ واپس ڪيئن ڏيندئو؟"

"ان جو اوهان فڪر نہ ڪيو، آئون اوهان کي پاڻهي ڳولي لهندس."

"اڇا! اوهان يقين سان ڪيئن ٿا چئو؟"

"نہ ڄاڻ الائي ڪيئن پر پهچائيندس ضرور، پليز!"

سلميٰ هن جي التجا ڏسي سوچڻ لڳي تہ هڪ ڪيسٽ ئي تہ آهي خوامخواهہ ويچاري کي پريشان پئي ڪيان، سو پرس مان ڪڍي ڪيسٽ سورج کي ڏنائين ۽ آخر ۾ پريشان ڪرڻ لاءِ چيائينس "ڏسنداسين اوهان ڪيسٽ واپس ڪيو ٿا يا نہ؟"

هوءَ نئين ڪيسٽ کڻي هلي وئي! سورج ڪيسٽ تہ ورتي مگر اندر ئي اندر ۾ سوچيندو رهيو، سوچن من ۾ مانڊاڻ وجهي ڇڏيس تہ

آخر هُو هُن کي ڳولهي ڪيئن لهندو؟ ۽ ڪٿي ڪيسٽ واپس ڪندو؟
"مون تہ سندس نالو بہ نہ پڇيو؟" انهن سوچن مان جلدي جان ڇڏائيندي،
ڊوڙندو سلميٰ جي ڪيڏ لڳو تہ جيئن سندس نالو پتو پڇي سگهي، پر
سلميٰ تہ دوڪان تان لهندي ئي گاڏيءَ تي ويهي ڏُور نڪري چڪي هئي.

هاڻي هُو هر روز شام جو سمنڊ ڪناري ويهي هيڊفون ڪنن تي
چاڙهي هلندي يا ويهندي اهي غزل ٻڌندو هو ۽ سلميٰ جو چهرو اکين
جي سامهون رکي سوچيندو هو تہ هوءَ ڪٿي ملندي؟ ڪير هوندي؟ هن
جا چيل لفظ ۽ هن جو چهرو اندر ۾ گهاءَ ڪري رهيا هئس. جيئن جيئن
سمنڊ جون ڇوليون چڙهيون پئي، تيئن تيئن هن جي دل ۾ سلميٰ جي ياد
ڪرنٽ جيان ڊوڙ پائيندي هئي، هُو آهستي آهستي سلميٰ جو قيدي ٿي
ويو، باوجود ان جي تہ هنجي مڱيندي سلميٰ کان ڏهوڻ تي سهڻي هئي ۽
ان جي پنهنجي پسند هئي.

هُو روز لهندڙ سج کان سلميٰ جو پڇڻ لڳو، هُو سوچي بہ نہ پئي سگهيو تہ
هن جي هيءَ ننڍڙي حماقت هن جو ائين جيئڻ جنجال ڪندي.

آچر جي شام هئي جو هُو سمنڊ ڪناري ماڻهن جي هجوم ۾
اچي پهتو ۽ هن سلميٰ جو اڌ چهرو ڏٺو، هن جو اڌ چهرو سندس جيون
ساٿيءَ جي اوٽ ۾ لڪل هو ۽ هوءَ پنهنجي ٻنهي ٻارن سان گڏ گهر وڃي
رهي هئي تہ سورج هن جي پٺيان ڊوڙڻ لڳو پر هوءَ نڪري وئي، سومر جي
صبح ستين بجي سلميٰ اٿي ڪمري جا پردا کوليا، ٻارن کي اٿاري ناشتو
تيار ڪري سيني کي ڪارائي تيار ڪري موڪليو ۽ پاڻ آفيس جي
تياريءَ ۾ مصروف ٿي وئي، تيار ٿي جڏهن دروازي کان ٻاهر نڪتي تہ
سورج کي گيٽ تي بيهوشيءَ واري حالت ۾ ڏسي دهلجي وئي، جنهن کي
سندس جيون ساٿي ۽ ٻار نشئي سمجهي ڏٺو اڻ ڏٺو ڪري هليا ويا هئا.
سلميٰ پريشان ٿي وئي تہ هي هتي ڪيئن پهتو؟ ۽ اهڙي حالت ۾ ڪيئن؟
هن نوڪر کي سڏي سورج کي اندر ڪٽايو، فون ڪري آفيس مان هڪ
ڏينهن جي موڪل ڪئي، ڊاڪٽر کي گهرايو، ڊاڪٽر علاج ڏئي چيو تہ
"جلد ئي هن کي هوش اچي ويندو"

هوش اچڻ تي بي اختيار هن چيو "ڏس! تنهنجي تلاش منهنجا

ڪمڙا حال ڪيا آهن؟" هن فورن ڪيسي مان اها ڪيسٽ ڪڍندي چيو "هي وٺ اها ڪيسٽ!"

هوءَ پريشان ٿي وئي "ڇا هي حال توهان جا ڪيسٽ جي ڪري ٿيا آهن؟، توهان تہ بلڪل حساس آهيو، ايترا حساس او ماءِ گاڊ!"

سورج ۾ ڇڙ تہ ساهہ پئجي ويو.

"مان هتي ڪيئن آيس؟"

"ٻڌايان ٿي پر پهريون پنهنجو نالو تہ ٻڌايو؟"

"مون کي سورج چوندا آهن."

"اوهان کي سورج چوندا آهن، ڇا مطلب؟" سلميٰ کلندي چيو، سورج کي سلميٰ کلندي ايتري تہ وڻي جو دل چيس جيڪر سيني ۾ لڪائي ڇڏيس ، پر پاڻ تي ڪنٽرول ڪري خاموش ٿي ڏسندو رهيو.

سلميٰ بہ سندس اکين جي چمڪ کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڳالهہ کي نتائيندي چيو:

"بهرحال نالو سٺو رکيو آ اوهان جو اوهان جي مائٽن! اُٿو فريش ٿيو، پنهنجي حالت سڌاريو تہ مان اوهان جي لاءِ ناشتو ٿي رکان"

"پر اوهان مون کي اهو تہ ٻڌايو تہ آئون هتي ڪيئن پهتس؟"

"ان جي تہ مون کي بہ خبر ناهي تہ توهان هتي ڪيئن پهتا؟ اُٿو توهان فريش ٿيو جيڪو ٿيو سو ٿيو هاڻي ان مان ڇا تہ ڪيئن ٿيو، ڇا ٿيو ۽ ڇو ٿيو؟" ائين چئي هوءَ ناشتي لاءِ بورچيخاني ڏانهن هلي وئي ۽ هُو فريش ٿي ڪمري کان ٻاهر آيو، ديوار تي سلميٰ جي پنهنجي جيون ساٿيءَ سان ڳاڙهي وڳي ۾ تصوير ڏسي ٿاٻڙجي پيو.

"ڇا ٿيو؟" سلميٰ چيو

"هيءَ تصوير توهان جي شادي جي آ؟"

"ها هيءَ تصوير منهنجي ۽ منهنجي سائينءَ جي آ."

هُو حسرت ڀريل نظرن سان ڏسندو رهيو ۽ نہ سمجهہ ۾ ايندڙ سوچ جي ور چڙهي ويو.

"ڪاٿي آهيو؟ ناشتو ڪيو. بهرحال توهان منهنجو وڏو نقصان ڪيو آهي، يعني هفتي جو پهريون ڏينهن موڪل ...."

“سورج تہ نہ ڇاڻ ڪھڙي دنيا ۾ هليو ويو هو ڇڻ سڄو جسم ڏيڻ ۾ ڦاٿل هجيس يا ڇڻ تہ ڪنھن پوپٽ جيان ڪنھن ڪوريئڙي جي ڄار ۾ ڦاٿل هجي. هُو خاموشيءَ سان ڏسندو رهيو، ڪڏهن ناشتي کي تہ وري ڪڏهن سلميٰ جي پيرن کي.

“اوهان ائين هوندا آهيو؟، اوهان ڪائي تڪليف تہ نٿا محسوس ڪيو؟ نہ تہ ڊاڪٽر کي گھرايان”

“نہ مون کي ڪا بہ تڪليف نہ آهي مان صرف اهو ٿو سوچيان تہ مون اوهان کي واقعي وڏي تڪليف ۾ وڌو آهي، شايد بيوقوف آهيان ان لاءِ.....!”

“لڳي نہ پيو پر اوهان جا ڪم بيوقوفن جھڙا آهن.”

“مون کي هاڻي هلڻ گھرجي.”

“ويهو في الحال اوهان کي ڪمزوري آهي، ڪٿي چڪر وغيره نہ اچي وڃي توهان کي، اسان جا ٻار ۽ سائين بہ اچي انهن سان ملي پوءِ وڃجو، هونءَ بہ تہ منهنجو وقت جيڪو ضايع ٿيو سو تہ ٿيو. مذاق ٿي ڪيان ائين نہ تہ وري دل تي رکي ڇڏيو.”

“نہ مون کي افسوس رهندو آئون اوهان جي ٻارن ۽ گھر واري سان ملڻ بغير وڃان ٿو، هُو واقعي بہ خوبصورت ۽ سٺا هوندا، اوهان وانگر، پنهنجي گھر وارا پريشان هوندا، مون کي هلڻ گھرجي، قسمت چاهيو تہ وري ضرور ايندس، هونئن بہ اوهان جو گھر تہ ڏسي ڇڏيو آ.”

“نيڪ، اوهان جي مرضي! اسان هر وقت خوش آمديد چوندا سين.”

“الله نگھبان.” هو ائين چئي گھر کان ٻاهر نڪري ويو پر ڇڻ تہ دل، زمين ۽ آسمان جي وچ تي اڏامندڙ پکي هجي، هي سڀ ڪجھہ مون سان ڇو ٿي رهيو آهي، مان ائين هئس تہ نہ پوءِ هي ڇا آهي؟ ڇا لاءِ آهي؟ مان ائين ڇو ٿي ويو آهيان ڇا هي ڪمزوري آهي يا نندُ؟ گھر وڃان يا ڊاڪٽر ڏانهن؟ اهي سيئي سوال هن جو پيڇو ڪندا پيا اچن ۽ آخر هُو فيصلو ڪري ڇڪو تہ مون کي في الحال گھر وڃڻ گھرجي ۽ آرام ڪرڻ گھرجي.

هُو گھر آيو، سندس مگيندي سيمي ۽ پيٽس سورٿ بورچيخاني ۾ چانهہ

هوءَ وجي ماني کڻي آئي، سورج بہ گرهہ ماني کائي جوس پي پنهنجي ڪمري ڏانهن ويندي سيميءَ جي ماءُ ۽ پيءُ کان معذرت ڪندي چيو
“انڪل آنٽي پليز مائينڊ نہ ڪجو”
“نہ پٽ! ڇا جو مائينڊ توهان آرام ڪريو”
“اوهان کي آرام جي ضرورت آهي.” سيميءَ جي پيءُ کلندي چيو
“ها پٽ! واقعي اوهان کي اوهان جو انڪل بلڪل صحيح ٿو چوي، اسين بہ هاڻ هلون ٿا وري صبح اينداسين.” سيمي جي ماءُ چيو.
پوءِ سورج پنهنجي ڪمري ڏانهن ويو. هُو پنهنجي ڪمري ۾ خاموشيءَ سان ليٽيو رهيو، بيڊ تي ڳاڙهي زيرو بلب جي روشنيءَ ۾ دنيا کان بي خبر هن هر ڳالهہ وسارڻ چاهي پر هن جي اکين جي اڳيان سلميٰ جو چهرو ڊوڙون پائي رهيو هو، سورج ڇرڪ ڀري اکيون کوليون، هي سڀ ڪجهہ ڇاهي؟، هن جو چهرو منهنجي اکين جي اڳيان ڇو پيو اچي؟ اتي فون جي رنگ بہ وڳي، هن فون کنيو “هيلو ڪير؟”
“جاڳو پيا مون مناسب تہ نہ سمجهيو پر آئون دل هٿان مجبور هئس بيهي نہ سگهيس، اوهان منهنجي ڳالهہ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي ڪو جواب ئي نہ ڏنو، هاڻي طبيعت ڪيئن آهي؟ ڇا ٿيو آ اوهان کي سورج؟”
“سيمي آئون معافي ٿو گهران جو اوهان کي اڳ ڪو جواب نہ ڏنو، طبيعت جي تہ مون کي بہ خبر نہ آهي تہ ڇا ٿيو آ، بس الله ڀلي ڪندو تون پريشان نہ ٿيءُ.”
“ڪيئن نہ پريشان ٿيان تون منهنجي دل کان پڇ، مان ڏسان پئي تہ تون مهيني کان وٺي ڪجهہ بگڙيل بگڙيل رهين ٿو ڪا ناراضگي آهي ڪا مون کان غلطي ٿي آهي؟”
“او ڇري! تون ڪهڙي غلطي ڪئي آهي، مون چيو تہ آئون بلڪل صحيح ٿي ويندس ۽ آئينده توکي اهڙي شڪايت جو موقعو نہ ڏيندس.”
“سچ ٿو چوين سورج؟!.”
سورج سوچڻ لڳو، سچ ۽ ڪوڙ کان آئون اڻ واقف ٿي ويو آهيان، الائي ڇو، ڇا سچ آ؟ ڇا ڪوڙ آ؟مون کي تہ ڪا خبر ئي نہ آهي.
“هيلو سورج! ڇا پيو سوچين؟”

"ڪجهه نه سيمي! شام يا صبح ملنداسين، هن قت دماغ جاءِ تي نه آهي، غلط جوابيءَ کان ڪم نه وٺي ڇڏيان پوءِ ڳالهائينداسين."
"جيئن تنهنجي مرضي! شايد ڳالهائڻ به نٿو چاهين!"
"سيمي ڏس پريشان نه ڪر پليز!."
"چڱو ڀلا ٺيڪ آ، نه ٿي پريشان ڪيانءِ ڇا ياد ڪندين ته ڪنهن سان پالو پيو اٿئي، پوءِ موڪلاڻي ناهي"
"ها موڪلاڻي ناهي، خدا حافظ."
"خدا حافظ" سيمي فون بند ڪيو ۽ سورج هلڪو مرڪيو، پر ان جي مرڪ جڻ سينواريل هئي، هن وري آرام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر آرام هن کان رُسي ويو هو ۽ سلميٰ جو چهرو سندس روح ۾ لهي چڪو هو. هُو ائين شام تائين پنهنجي ڪمري ۾ سلميٰ کي ياد ڪندو رهيو، ڇهين بجي دروازو کڙڪيو. "ماءِ ڊيئر برادر! اچو ٻاهر نڪرو تمام گهڻو آرام ڪيَوَ."
"ها سورن! اچان پيو تون هل ڇري!" ۽ هيءُ اٿي تڙ ڪري ڪپڙا تبديل ڪري ڪمري کان نڪري ٻاهر آيو.
"ڪيئن آ طبيعت پٽ!" سندس پيءُ پڇيو
"ٺيڪ آ بابا"
"پٽ جي ٺيڪ نه هجي ته ڊاڪٽر کي گهرايون."
"نه امان !مان واقعي ٺيڪ آهيان."
"هاڻ ڇڏيو به انهن ڳالهين کي ماني کائو پاڻ ئي ٺيڪ ٿي ويندو، جي نه ٿيو ته ڊاڪٽر سيمي پاڻ ئي ٺيڪ ڪندس." پٺهس چيو.
"ها واقعي!" ماءُ پيءُ کلڻ لڳا.
سورج ماني کائي ٻاهر نڪري ويو، ساڳيو ٽيپ رڪارڊر، سمنڊ ڪناري، ساڳي هلچل، ساڳي ڪيفيت، هُو تنگ ٿي چڪو، آخر هي سڀ ڪجهه مون سان ڇو ٿي رهيو آ؟ هن کي ياد آيو ته فون تي سيميءَ کي چيو هئائين ته شام ملنداسين، هن خيال ڪيو ته هن ڪيفيت مان نڪرڻ لاءِ سيميءَ ڏانهن وڃان شايد ڪجهه خيال بدل ٿئي پر ڪيس چين ڪاٿي ٿو اچي؟! سندس قدم ڪاٿي سندس سات تا ڏين؟. هي گاڏيءَ ۾ ويهي ٿو ۽

سيميءَ جي بجاءِ سلميٰ جي گهر اڳيان اچي بيهي ٿو، مان وري هتي ڪيئن؟ هي تہ سيميءَ جو گهر ناهي، هي تہ سلميٰ جو گهر آهي! يا خدا هي سڀ ڪجهہ ڇا آهي؟ هي سڀ ڪجهہ مون سان ڇا پيو ٿئي؟ سلميٰ، سيمي، سورج!!!!. سورج تہ وڃائجي ٿو، مون ڪي سورج نہ وڃائڻ گهرجي.

سلميٰ جي روح ۾ بہ عجيب خاموشي ۽ ٺهراءُ اچي ويو هو، جيڪا سلميٰ ڪنهن غير سان ڳالهائڻ پسند نہ ڪندي هئي، ان جي دل غيرن سان ڳالهائڻ ۾ بہ خوشي حاصل ڪرڻ لاءِ راضي هئي.

سورج سيميءَ کان روز بروز پري ۽ سلميٰ جي روز بروز ويجهو ٿيندو پئي ويو، گهر وارا هن جي خاموشيءَ کان حيران ۽ پريشان ٿي پئي ويا، سيميءَ جا والدين ۽ سيمي سورج جو رويو ڏسي غمگين ۽ هنن کان پري رهڻ لڳا.

هوڏانهن سلميٰ جو مڙس ۽ ٻار سلميٰ ۾ آيل تبديليءَ کي ڏسي حيران ۽ پريشان هئا. هڪ ڏينهن سورج کي سلميٰ ڏسي ورتو ۽ بيخوديءَ ۾ سندس پرسان بيهي چيو تہ "توهان اتي بيٺا آهيو؟."

سورج جيڪو ٻنا اک ڇنڀ پري کان سلميٰ کي ڏسندو رهيو تنهن وراڻيو. "ها مان هتان گذريس تہ نہ ڄاڻ ڇو ٿوري دير لاءِ ساهہ پٽڻ ويهي رهيس."

"اچو نہ اڄ اسان جي گهر هلو، پهريون دفعو سلميٰ ڪنهن غير مرد کي ائين چيو، هوءَ پنهنجي ڳالهائڻ تي بي پناهہ پشيمان ۽ حيران هئي، سورج بہ پاڻ نہ جهلي سگهيو ۽ گاڏيءَ ۾ ويهي، سلميٰ جي گهر هليو ويو.

سلميٰ گهر ۾ قدم رکيو، ٻار ماءُ کي چنبڙي ويا، "مما اچي وئي، مما منهنجي لاءِ ٽافيون ۽ چاڪليٽ آندا آهن؟" ڌيءَ خديجہ چيو.

"ممي منهنجي لاءِ ڪيڪ؟" ننڍي اسامہ پڇيو

"ها ها سڀني لاءِ آندا اٿم پر پهريون مهمان سان تہ ملو"

"هاءِ انڪل، هاءِ انڪل" ٻنهي ٻارن واري واري سان معصوم ٿي چيو.

"انڪل اچو اچي ويهو" ۽ خديجہ سورج جي آڱر کي پڪڙي صوفي تي ويهاريو.

"مما توهان بہ ويهو."
"ها جاني! اوهان پنهنجون شيون وٺو." پنهي پارن پنهنجون پنهنجون شيون ورتيون.
"مما مهمان جي ڪهڙي خاطر توازع ڪيون؟"
"توهان جو پپا ڪٿي آهي؟"
"اهو مٿي آهي، اچي پيو، ممي پڌايو تہ ڪهڙي خدمت ڪريون انڪل جي؟"
"پائي! اوهان جو انڪل آ، اسان تہ پنهنجي لحاظ سان خدمت ڪنداسين ۽ اوهان پنهنجي پنهنجي لحاظ کان خدمت ڪندئو!" سلميٰ مرڪندي چيو.
"ها تہ پوءِ اسان وٽ اهي ٽافيون، چاڪليٽ ۽ ڪيڪ آهن، اسين انڪل جي انهن سان خاطر توازع ٽا ڪريون."
"انڪل ! ڪائو نہ...."
"ها جاني!" سورج معصوم ٽي چيو. "سلميٰ اوهان جا پار اوهان وانگر بهترين آهن."
سلميٰ ڪلندي چيو. "مهرباني"
"سلميٰ ڪي ڪلندي ڏسي سندس مڙس جمال تمام گهڻو خوش ٿيو، ڏاڪٽر تان لهندي "واهہ پائي! واهہ! اڄ ڪي نوان مهمان آيا آهن جن اسان جي ملڪ جي چپن تي مرڪ آندي آ، اها بہ هڪ بهترين مرڪ"
سلميٰ پنهنجي پانهن جمال جي چيلهہ ۾ وجهي چيو "جمال هي سورج آهي، جنهن جو آئون اوهان سان ذڪر ڪيو هو ۽ سورج هي جمال آهي منهنجو جيون ساٿي."
"اڇا تہ هي آهي سورج واقعي اوهان اهڙا ئي، آهيو جهڙو اسان سلميٰ جي واتان پڌو هو.
آئون تہ ڪجهہ بہ نہ آهيان سائين خاڪ آهيان، ڌوڙ آهيان." سورج عاجزي ڏيکاريندي چيو.
توهان واقعي بهترين انسان پيا لڳو! سلميٰ چانهن تڏو پڇو آ مهمان ڪان؟."

”نہ“

”نہ تہ پوءِ پڇ نہ چري؟.“

”ڇا پيئڻ پسند ڪندئو سورج؟“

”ڪجهہ بہ نہ بس آئون هاڻي هلندس“

”ائين وري ڪيئن ٿيندو سورج صاحب اجان تہ ڪچهريون ٿينديون، ماني ٿيندي اسان اوهان کي ائين ڪاٿي ڇڏينداسين.“

”نہ وري ڪنهن ٻئي دفعي!.“ سورج التجا ڪندي چيو.

”نہ اڄ ۾ توهان ائين ويا هئا ،هاڻي اسان اوهان کي ائين نہ ڇڏينداسين.“ سلميٰ نوڪرياڻي کي سڏ ڪندي چيو ”ماسي! ماني تيار ٿي آ تہ ٽيبل تي رکو اسان اچون ٿا.“

”ها ڏيءَ! ماني تيار آهي بس حڪم جي دير هئي سو اجهو ٿي ماني لڳايان.“

”خديجہ ، اسامہ هٿ ڌوئي اچو، اوهان بہ هٿ ڌوئي اچو“ سلميٰ هر هڪ کي چيو ۽ سيني هٿ ڌوتا ۽ ٽيبل تي آيا، ماني کاڌي، ٻارن جي لاءِ ماسيءَ کير آندو ۽ وڏن جي لاءِ چانهن ڪچهريون هليون.

سلميٰ ڀرپور کلي ۽ جمال سلميٰ کي کلندو ڏسي تمام گهڻو خوش ٿيو ۽ سورج کي بہ جڻ سڪون گهيري ڇڏيو هو، ٻارن کي تہ جڻ انمول خزانو هٿ اچي ويو، لطيفا، ڪهاڻيون، قول، هدايتون، محاورا سڀ ڪجهہ انهن جي ڪچهري جي زينت ٿيا، جمال ۽ ٻارن سورج کي ٻيهر اچڻ جي لاءِ چيو.

ڇئن مهينن کانپوءِ هڪ ڏينهن سورج سلميٰ جي گهر ۾ ويهي فلم پئي ڏٺي، فلم ڏسندي سورج سلميٰ جي هٿ ۾ هٿ وڌو، سلميٰ ڇرڪجي وئي، سورج سلميٰ جي هٿ کي چميو جڻ تہ سلميٰ شراب جي نشي ۾ ڌت ٿي وئي، هوش وڃائيندي وئي ۽ سورج جڻ تہ مقناطيسي طاقت ۾ جڪڙجي ويو، هو پيار جي هر حد ٽپندا ويا خبر تڏهن پئي جڏهن سورج سندس جسم کي ڇهڻي ويو، سلميٰ کان رڙ نڪري وئي ۽ هن سورج جي منهن تي چماٽ هنئي.

سورج کي چماٽ لڳڻ کانپوءِ ائين محسوس ٿيو جڻ ڪنهن ڪرنٽ هڻي

ڪيس نند مان اٿاريو هجي.
سلميٰ ڊوڙي ٻاهر نڪري وئي، سلميٰ جيڪا پنهنجي مڙس سان وفادار هئي ۽ سورج کي هڪ نيڪ ۽ بهترين انسان سمجهندي هئي، هن جي اڳيان هن جي مڙس جي وفاداري ۽ اعتماد ڊوڙون پائي رهيو هو، هوءَ جيڪا ٿڪي پورا پورا ٿي وئي هئي، هي مان ڇا ڪيو؟ هي مان ڇاڪيو؟ مان ڇا سِلو ڏنو پنهنجي وفادار جيون ساٿيءَ جي اعتماد جو، مان ڪهڙو منهن کڻي هن ڏي ويندس، هو جيڪو مون کي سورج سان کلندي ڏسي نرندو هو، مان هن کي ڇا چونديس تہ ان ئي سورج کان مون پاڪ روح جو خون ڪرائي ڇڏيو، تنهنجي اعتماد جو تنهنجي پيرم جو جنازو ڪڍائي ڇڏيو، پنهنجي معصوم ٻارن کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس تہ توهان جي ماءُ هڪ بهترين دوست سان ڪهڙو چرڪائيندڙ گناهہ ڪيو آ.
سلميٰ جي ذهن ۾ هزارين وسوسا ڊوڙي رهيا هئا. يا خدا ڌرتي ڦاڙ مون کي پناهہ ڏي، منهنجا مالڪ منهنجي رهنمائي ڪر مان ائين تہ نہ هئس تہ پوءِ هي ڇا ٿي ويو، مان پنهنجو گرهڻ ورتل وجود کڻي وڃان تہ ڪاڏي وڃان يا خدا مون کي معاف ڪر هي تہ سراسر دوکو آهي، مون کي ڪهڙو نشو چڙهي ويو، هاڻي ڇا ٿو ٿي سگهي؟، هاڻي ڪجهہ بہ نٿو ٿي سگهي، ڪجهہ بہ نہ، مرڻ ڪانپوءِ زنده ٿيڻ، ٿيڻ ڪانپوءِ جيڻ مشڪل آ، سلميٰ تون بيوقوف آن، تون هاڻ گرهڻ ورتل وجود آن.
سلميٰ رڙيون ڪندي رهي "نہ مان پويتر آهيان مون سان دوکو ٿيو آ، مان پاڪ آهيان مون سان دوکو ٿيو آ، مان سچي آهيان مان اڄ بہ سچي آهيان، هي سڀ ڪجهہ بيخبريءَ ۾ ٿيو آهي" هوءَ ڳلين ۾ ڊوڙندي رهي، هن جون رڙيون ٻڌي هڪ گهر مان پوڙهي عورت نڪري آئي"
"ڌيءَ! ڪير آهين، ڇو ٿي روئين؟"
"هي سڀ ڪجهہ غلط فهمي ۾ ٿيو آ، بي خبريءَ ۾ ٿيو آ."
"پٽ! ڇا ٿيو آ، تون اچ تہ سهي اندر هلي آ ماڻهو ڏسندا تہ ڇا چوندا، تون چپ تہ ڪر، ڪنڌيءَ کي بہ ڪن آهن، آ هلي آ نياڻي هلي آ، اندر اچ ۽ مون کي آرام سان سچي ڳالهہ ٻڌاءِ." پوڙهي سلميٰ کي اندر وٺي وڃي ٿي ۽ هوءَ ان کان سموري ڳالهہ ٻڌي ٿي.

پوڙهيءَ جو مڙس جيڪو معلم هو، ان سلميٰ کي سمجهايو تہ هُن هڪ غلطي ڪئي آ تہ پيهر ٻي وڏي غلطي نہ ڪري، هن سلميٰ کي چيو تہ هوءَ رات ٿيڻ کان اڳ پنهنجي گهر هلي وڃي ۽ ان ڳالهہ کي ائين ختم ڪري ڇڏي جڻ هن سان ڪجهہ ٿيو ئي نہ آ، ان ۾ ئي سندس ڀلائي آهي نہ تہ ٻي صورت ۾ هي معاشرو سندس جيئڻ جو حق ڪسي وٺندو ۽ ٻار بہ گناهن جي دلدل ۾ ڦاسي ويندا، هن ڪيس سمجهايو تہ گناهن جي ٿيڻ عيوض گناهن جو ڪفارو ادا ڪرڻو هوندو آ ۽ تنهنجي لاءِ اهو مناسب آ تہ تون پنهنجي اولاد کي گنهگار ٿيڻ کان بچائيندي ۽ پنهنجي مڙس سان وڌيڪ وفاداريءَ سان پيش اچجئين.

پر سلميٰ جي ذهن ۾ تہ هڪ ئي ڳالهہ هئي، هوءَ سورج کان دنيا کان ۽ دنيا ۾ رهندڙ ماڻهن کان نفرت ڪرڻ لڳي هئي، هوءَ ان معلم کان بہ ڊڄي رهي هئي جيڪو پنهنجو ڪنڌ لوڏي رهيو هو ۽ ڏيءَ ڪري ڪيس آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

”ڏس ڌيءَ منهنجي ڳالهہ مڃ روئڻ کي ڇڏ، روئڻ مان ڪجهہ نہ ورندو، پنهنجي رب کي پرچاءِ تہ جيئن هُو توکي معافي ڏئي پر سلميٰ هن جي هڪ نہ مڃي معلم هاڻي تڪجي پيو ۽ هن کي ڇاتيءَ سان لائي الله سائين جو ذڪر ڪرڻ لڳو، سلميٰ سڪون ۾ اچي وئي، هن کي ننڊ اچي وئي.

هوڏانهن سورج کي چماٽ لڳڻ سان آهستي آهستي هوش آيو ۽ سلميٰ کي پڇندو ڏسي ڇرڪجي ويو ۽ هن جي ڪڍ پيو پر سلميٰ وري بہ نڪري چڪي هئي، جڻ تہ سلميٰ سندس ڪمزوري ٿي چڪي هئي، هن جي زبان تي هاڻي پيو ڪو بہ نانءُ نہ هو، سلميٰ ! سلميٰ ! ۽ صرف سلميٰ ڪندو ڊوڙندو ويو، ”سلميٰ !مون کان رسي وئي آن؟، مون کان نفرت ٿي ڪرين؟، مان تنهنجو گنهگار آهيان، مون کي پنهنجي هٿن سان سزا ڏي ائين نہ ڪر، مون کان نہ ڀڄ، اچ اچ منهنجي روح ۾ لهي وڃ. سلميٰ! مان ائين نہ هئس مان ائين نہ ڪرڻ پئي چاهيو، نہ ڄاڻ مون کي الائي ڇا ٿي ويو، سلميٰ! هاڻي مان توکان بغير رهي نہ سگهندس، سلميٰ! هلي آ هلي آ، ڏس منهنجو وجود مون کان رُسندو ٿو وڃي، سلميٰ! تنهنجي نفرت مون

کي ماري ڇڏيندي، مان مري ويندس، اهڙو موت مون کي نہ ڏي، سلميٰ! هلي آ. سورج پنهنجي پاڻ کي ڏوهي گنهگار سمجهي خود کي اذيتون ڏيندو رهيو.

مان گنهگار آهيان تنهنجوا، ڏس سلميٰ! مان پنهنجون رڳون ٽو ڪٽيان، مان هنن رڳن مان رباب ٺاهيندس ۽ ڪيڏاري جا گيت جوڙيندس، مان هي هٿ ٽو ڪٽيان جن تنهنجي سندر جسم کي ڇهيو، مان هي زبان ٽو ڪٽيان جنهن تو گل جهڙي عورت جو رس پيتو، سلميٰ! پوءِ تون مون سان پرچي ويندينءَ، تہ پوءِ مون کان ناراض نہ ٿينديءَ، تہ پوءِ هڪ بار چوندينءَ تہ ها مان توکي معاف ڪيو، مان توسان نفرت نہ ٿي ڪيان، هي ڏس، ڏس مان ائين ئي ڪيان ٿو جيئن جيئن مان چيو، تون پنهنجو فرض نڀائجانءِ، هن پنهنجا هٿ ڪٽيا، زبان ۽ پنهنجون رڳون ڪٽيون ۽ پوري جسم کي وڍ ڏنا.

سورج تتل اس ۾ بک ۽ اڃ وگهي زخمن کان چور تتل ڌرتيءَ تي ائين پيو هو جڻ ڪنهن جانور جو لاش هجي.

هوڏانهن سلميٰ بہ سڪون ۾ اچي چڪي هئي، هاڻي ان بہ سفيد ڪپڙا اوڙهيا هئا ۽ اڳ کان بلڪل منفرد نظر اچڻ لڳي هئي.

# رات جي پيٽ ۾



جڏهن هُن چيو "اسان ٻئي گڏ آهيون، اسان ٻئي هڪ آهيون."

تڏهن مون کي ائين لڳو، ڄڻ هي جبل، زمين، آسمان، وڻ ٽڻ، سمنڊ سڀ ڪجهہ هڪ پل ۾ منهنجا ٿي ويا هُجن، ڄڻ چمين کي خوشبو ۽ مرڪن کي رنگ ملي ويا هجن.

جيڪا ڪن پل اڳ ۾ بلڪل اڪيلي هجي، سڀ رشتن جي هوندي، اها هاڻ ڄڻ انڌلٺ جي پاڪر ۾ هجي، صرف ٻہ جملا، ٻہ لفظ

ڪنهن جي زندگي ڪيئن ٿا متائي ڇڏين؟ طوفانن جا رخ ڪيئن ٿا متائي ڇڏين؟

"مان، مان بہ ڪنهن جي آهيان، ڪوئي منهنجو بہ آهي." هڪ پل لاءِ هن جي دل چيو رڙيون ڪري پوري دنيا کي ٻڌائي تہ "هاڻ هوءَ اڪيلي نہ آهي، ڪوئي آهي جيڪو هن جو آهي." پر ان پل ئي جهڙ ان جو ساهہ نڪري ويو. "ڀلا منهنجو ڪوئي ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟"

ڪجهہ مهينا اڳ هن جي دوست کي بہ اهڙا جملا ڪنهن چيا هئا ۽ هن جي دوست بہ ائين ئي خوش ٿي هئي، پر اها حقيقت نہ هئي.

"منهنجي دوست تہ پوري طرح هن جي ٿي وئي هئي ،پر هو پنهنجو بہ ڪو نہ هو، ان جي نتيجي ۾ هوءَ ڪاري ڪري ماري وئي هئي." مرڻ وقت هوءَ جيڪي دانهون ڪري رهي هئي اهي دانهون آنهون هن جي ڪنن ۾ گونجي رهيون هيون.

"نہ نہ، هتي ڪير بہ ڪنهن جو نٿو ٿي سگهي، ها هرڪوئي اڪيلو آهي ۽ اڪيلو ئي ويندو، اڪيلو ئي آيو آهي." هوءَ آسمان ڏي نظر ڊوڙائي ٿي آسمان تي ستارا ڏار ڏار پيا چمڪن. هوءَ چنڊ ڏي ڏسي ٿي چنڊ بہ اڪيلو آ ۽ هن کي ائين لڳو جهڙ ستارا هڪ ٻئي سان ملڻ چاهيندا هجن پر ائين ڪري نہ سگهندا هجن، ستارا ان ڪوشش ۾ ٽٽن بہ پيا ۽ هڪ جڳهہ کان ٻي جڳهہ ڏي، لاٽ ڪري وڃن بہ پيا پر افسوس پوءِ بہ ملي نہ پئي سگهيا. هن جي اندر ۾ مايوسي وڌ ويڙهي وانگر وڪوڙجي وئي، ساهہ گهٽجيس پيو جهڙ آڪسيجن نڙيءَ ۾ اچي اٽڪي پئي هجيس ڦقڙ آڪسيجن جي لاءِ سڪڻ لڳس.

"هاڻ ڇا ڪريان؟ هاڻ مون کي ڪيئن يقين ٿئي تہ هُو منهنجو آهي، ائين تہ منهنجو ساهہ گُهٽجي ويندو ۽ آئون مري ويندس، مان جيئڻ ٿي چاهيان." هن جي اکين ۾ پيار هو.

"مان، مان انهن اکين ۾ ويهڻ ٿي چاهيان، انهن اکين جي ڇپرن ڇانوَ ۾ ساهہ پٽڻ ٿي چاهيان، دنيا جي سختين، لُڪن ۽ نفرتن جي ڪاڙهن مون کي الاهي ساڙيو آهي، ٻہ پل پيار جي ڇانوَ ۾ گذارڻ ٿي چاهيان، ڇا اهو منهنجو حق نہ آهي؟ ڇا صرف منهنجي قسمت ۾ نفرتون لکيل آهن؟ نہ نہ ڪنهن جي طرفان پيار جو پيغام مليو آهي تہ مان ان کي

شڪ جي بنياد تي وڄائي نہ ٿي سگهان، ڪهڙي خبر هُو واقعي منهنجو هُجي؟! جيڪڏهن هُو مون سان فراڊ ڪندو هجي تہ اهڙا فراڊ آئون بہ تہ ڪنهن سان ڪري سگهان ٿي! پر آئون ائين نہ ٿي ڪري سگهان، جيڪڏهن آئون ائين نہ ٿي ڪري سگهان تہ پوءِ ڪنهن ٻئي لاءِ مان ڪيئن ٿي سوچي سگهان تہ اهو ائين ڪري سگهي ٿو؟. ها شهناز توکي نفرتون تہ ڪوڙ مليون آهن، تو زهر جو اهو ڪوڙو ذائقو بہ الاهي چکيو آهي، هاڻ پيار تو وٽ دستڪ ڏني آ، ان کي نراس نہ ڪر، تو تہ نفرتن کي بہ نراس ناهي ڪيو.“ هوءَ مسلسل پنهنجي پاڻ سان ڳالهائي ٿي.

اوچتو آواز اڀري ٿو، ڇڻ ڪو پٽ تان ٽپيو هجي، هوءَ ان آواز ڏانهن ڪنائي ٿي، گهر جي آڳر ۾ تاريءَ هيٺان سفيد ڪپڙن ۾ هوءَ ڪنهن پاڪيزه جل پري جيان پئي لڳي، پاڻ چنڊ جي چانڊاڻ هن جي ڳلن کي چمي پئي، هڪ پل ۾ ڄڻ سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو هجي، صرف سانت هجي ۽ ان سانت ۾تڏن ۽ ڏيڏرن جي ٽان ٽان سانت کي مات ڏيڻ جا جتن ڪندي هجي، ڪنهن جي پيرن جون آهٽون هجن، هن سمجهيو شايد ڪوئي چور آهي، هوءَ ٿورو سرڪي ان جو خيال رکي تہ متان ڪو آواز ٿئي ۽ اڳلو ماڻهو هوشيار ٿئي، آهستي هن هڪ ڏنڊو ڪنيو، چنڊ جي چانڊاڻ ۾ پري پري تائين صاف پيو ڏسجي، ان لاءِ هوءَ لڪي وئي تہ جيئن هن تي ڪنهن جي نظر نہ پئي.

هن ڪان رڙ نڪرندي نڪرندي سندس نڙيءَ ۾ اٽڪي وڃي ٿي، هتي تہ هڪ ماڻهو ناهي هتي تہ ٽي ماڻهو آهن، هُو سڌو مينهن ڏي پئي ويا، اڙي هي تہ چور آهن، الا منهنجي مينهن تہ اڃان هاڻي هاڻي ويڙي ڏني آهي، منهنجي پياري ويڙي هي تہ ان کي بہ ڪاهي ويندا. بيهہ مان انهن کي نہ ڇڏينديس بس ائين ٿي ڪاهڻ ڏيان!. مال ڄڻ ڪو حرام جي ڪمائيءَ مان آهي.

هوءَ ڪٽ جي هيٺان ويٺي هئي، هن ڏنڊو ناهي سڌو ڪري رکيو جيئن ئي هڪ ماڻهو اتان گذريو ان کي وهائي ڪڍيائين، هو رڙ ڪري ڪريو، ٻئي ماڻهوءَ بندوق سڌي ڪئي ۽ رڙ ڪري چيو ”اڙي ڪهڙو آهين، ٻاهر نڪر.“ اڳڻ وڏو هو پيا سمورا گهر ڀاتي اندر ستا پيا هئا.

هوءَ ڊڄي وئي، ڪٽ ڪان ٻاهر نہ پئي نڪري، ٽئين ماڻهوءَ ڇڪ

ڏئي هن کي ٻاهر ڪڍيو، هن جي ٻاهر نڪرڻ تي ڏک لڳل همراهه حيران ٿي ويو، هن بي اختياريءَ ۾ ڇهري تان ڀٽ لاهي ڇڏي.

"زينت تون!"

"جمال تون!"

"تون منهنجي دل چوري ڪري هاڻي وچڙي چورائڻ آيو آهين!؟"

هن جا پيا ٻه ساٿي سمورو قصو سمجهي ويا.

"جمال تون بيوقوفي ڪئي آ، پُٽ چو لاتئي، پهريان تـه اسان جو خيال هو تـه مال سان گڏ چوري بـه ڪاهيون ٿا هلون."

جمال يڪدم رڙ ڪئي تـه "سائين نـه توهان ائين سوچي بـه نـه ٿا سگهو."

"ها! هاڻ اسان ائين سوچي بـه نٿا سگهون پر هن کي ائين ڇڏڻ بـه ممڪن نـه آهي، جيڪڏهن هن کي ڇڏيوسين تـه هيءَ اسان کي نـه ڇڏيندي."

سردار زينت جي وات تي هٿ رکي پوري مضبوطيءَ سان جهليو بيٺو هو.

زينت بار بار هن جو هٿ ڇڏائڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ۾ رڌل هئي پر مسلسل ناڪام پئي وڃي.

"ها هن جو زنده رهڻ اسان سڀني لاءِ بهتر نـه آهي."

"نـه سائين ائين نـه ڪريو."

"بيوقوف نـه ٿي جمال! مال ڪاهي هل، پوبان پيرا متائيندو هلجانءِ ۽ اهو ڪم تڪڙو تڪڙو ڪجانءِ. جمال تون غلطي ڪئي آ ۽ اسان جي ڌنڌي ۾ غلطيءَ جي گنجائش نـه هوندي آهي، آئون نـه چاهيندس تـه تون ڪا ٻي بـه غلطي ڪرين، نـه تـه انجام تون پاڻ ڄاڻين ٿو." سردار جمال کي ڌمڪي ڏيندي مخاطب ٿيو.

"هاڻ جلدي جلدي ڪم ڪريو، وقت ناهي." جانو ۽ جمال مال چوڙي هليا ويا ۽ سردار جي چوڻ مطابق بنا ڪنهن غلطيءَ جي سمورو ڪم سرانجام ڏنائون.

سردار جي دل خراب ٿي، زينت جو وات ڇڏي هن منجهائنس پنهنجي حوس جي اڃ اجهائي. جمال جي دل الائي ڇو سٽ کاڌي ۽

سردار جي ڏمڪي اڻ ٻڌي ڪندي واپس موٽي آيو ۽ جڏهن سردار کي زينت سان ڪريل حرڪت ڪندي ڏٺائين تہ هن سان هاٿاپائي شروع ٿي ويس.

ان هاٿاپائيءَ ۾ سردار، جمال ۽ زينت مٿان ڪليشنڪوف جو منهن کولي ڇڏيو ۽ سموريون گوليون هنن جي ڇاتين ۾ لاهي فرار ٿي ويو.

گولين جي آواز تي گهر ڀاتي نڪرن ٿا، گهر ۾ بہ لاشا ڏسي سي بہ اهڙي حالت ۾ پريشان ٿي ويا، ايتري ۾ ڳوٺ جا ماڻهو گڏ ٿي ويا ۽ هر هڪ رڙيون ڪري توبهہ توبهہ ڪري چوڻ لڳو: "ڪاري هئي، ڪاري هئي، غيرت ۾ ماري ڇڏيائون."

"پر ماري ڪنهن ؟؟؟"

"ڪهڙو تہ زمانو اچي ويو آ."

مائٽ جڻ تہ بت ٿي بيهجي ويا، صبح جو پوليس آئي، گهرڀاتين کي ٿاڻي تي وني وئي، "ٻڌايو توهان مان قتل ڪنهن ڪيو آ؟ پر ڪنهن ڪان بہ اهو ٻالهايو نہ ٿيو تہ سائين اسان جو مال بہ چوري ٿي ويو آ ۽ ڇوڪريءَ جو وات بہ ٻڌل ۽ جسم تي تشدد جا نشان آهن."

# دل جي دانهن



سيما ساگر جي ويجهو اچي ڳنڀير لهجي ۾ ڳلي کي نيڪ ڪندي چوي ٿي "ساگر جيڪڏهن توکي قبول پوي تہ مان هڪ منٿ ڪريان."

ساگر گهور مان تارا ڦوٽاري سيما ڏي ڏسي ٿو. ان کان اڳ جو هُو ڪجھ چوي، سيما چيو "ڏس تون روز مون سان ڳالهائيندو آهين ۽ مان روز توکي ٻڌندي آهيان، تون جيئن چوندو آهين مان تيئن ڪندي

آهيان، ڇا ائين نہ ٿو ٿي سگهي تہ مان اڄ ڳالهايان ۽ تون ٻڌين؟ مان ڪجهہ بہ آندي آهي، تون پلي پنهنجا ڪن بند ڪري ڇڏ، بس صرف ائين محسوس ڪراءِ تہ تون منهنجي ڳالهہ ٻڌي رهيو آهين. ڇا ڪريان مان ڪابہ ڳالهہ توکان لڪائي نہ ٿي سگهان تو مون کي ڇيو هو توکي جڏهن بہ جنهن شئي جي ضرورت پوي تہ مون کان گُهري سگهين ٿي، يعني مان تنهنجو دوست، محبوب مڙس ثابت ٿي سگهان ٿو، ان ڏينهن کان وٺي مون توکي محبوب ۽ مڙس کان وڌيڪ هڪ دوست سمجهيو آهي، مون کي هڪ دوست جي وڌيڪ ضرورت آهي، مان تنهنجو وقت نہ ونڊيس ڇو جو مان ڄاڻان ٿي تہ توکي منهنجي ڳالهين ۾ ڪا بہ دلچسپي نہ رهي آهي، هڪ فقير سمجهي منٿ پوري ڪر.“

ساگر اڄ ڪجهہ موڊ ۾ هو، سيما جي معصوميت کي ڏسي چوڻ لڳو ”چڱو جيڪو ڪجهہ چوڻو اٿئي، جلدي چئي ڏي ۽ اها ڪپهہ منهنجي حوالي ڪر.“ ائين چئي هن جي هٿ مان ڪپهہ کسي ڪنن ۾ وجهي ڇڏي ٿو.

سيما هزارين ارمان دل ۾ رکي آهستي آهستي ڳالهائي ٿي، پهريان تہ سوچي پئي ان کان تہ پلو آ پتين سان مٿو ٽڪرايان پر پوءِ وري بہ ڳالهائي ٿي تہ جيڪڏهن هاڻ نہ ڳالهايم تہ وڌيڪ ناراض ٿيندو، ائين ڪٽي سمجهبو هيءَ بہ هڪ پت آهي ۽ مان پنهنجو مٿو ئي رتوڇاڻ پئي ڪريان.

هوءَ هٻڪندي چوي ٿي ”ساگر مون توسان بي انتها محبت ڪئي آهي، مجيان ٿي شروع ۾ منهنجو توسان لڳاءُ نہ هو پر هاڻ الائي ڇو توکانسواءِ رهي نٿي سگهان، عجيب ڳالهہ آهي جڏهن تون چاهيندو هئين تہ آئون سمجهوتو ڪندي هئس پر هاڻ جڏهن آئون توکي چاهڻ لڳي آهيان تہ توکان سمجهوتو بہ نہ ٿو پڄي.

ساگر تون هميشہ چوندو آهين تہ مان هاٺي متجي وئي آهيان، يعني هڪ عام عورت ٿي ـُـي آهيان، مان پهريان ائين نہ سمجهندي هئس آئون سمجهندي هئس تہ آئون ساڳي آهيان، تون متجي ويو آهين پر هاڻ ائين ناهي، مان واقعي متجي وئي آهيان، مان واقعي پهريون جهڙي نہ رهي آهيان پر ان جو بہ هڪ سبب آهي، تنهنجي هر وقت جي ڪاوڙ نندين نندين ڳالهين تي ايڏو وڏو غصو، تنهنجي ان رويي مون کي

احساس ڪمتريءَ جو شڪار ڪري ڇڏيو آهي، مان اندران ئي اندران پڇي پور پور ٿي وڪري وئي آهيان، پلي سڄي دنيا مون کان خفا رهي پر ايڏو صدمو نـ ٿيندو، جيڏو تنهنجي ننڍڙي ڪاوڙ سان صدمو رسي ٿو. هر وقت اهو ٽينشن رهي ٿو تـ اهڙو ڇا ڪريان جو تون خوش رهين، پنهنجي وس آهر هرممڪن ڪوشش ڪريان ٿي پر الائي ڇو نـ ئي توکي نـ ئي ڪنهن ٻئي کي خوش رکي سگهي آهيان. رشتا تـ ڪوڙ آهن پر هميشـ هڪ مخلص دوست جي ڪمي رهي آهي، ننڍي هوندي هئس تـ ماءُ کي دوست سمجهي پنهنجون سموريون خاميون ۽ خوبيون سامهون رکندي هئس پر ماءُ وٽ بـ صرف خوبين جاءِ ناهي، خامين جي ڪري اتان بـ ڌڪاري ويس، ائين ئي پيءُ کان وٺي ڀائرن ۽ ڀينرن تائين ان ڪانپوءِ توتائين بـ ڪنهن منهنجين خامين کي قبول نـ ڪيو، ڪنهن بـ انهن کي ناهڻ جي ڪوشش نـ ڪئي، جنهن سبب منهنجون خاميون سلجهڻ بجاءِ وڌنديون ئي ويون، ڪنهن سان ڪوڙ ڳالهائي نـ ٿي سگهان ۽ سچ سيني کي ڏڪائي ٿو جنهن ڪري اڪثر خاموش ٿي رهان، ڇڻ زبان هوندي مان گونگي آهيان.”

سيما سموريون ڳالهيون ڪندي ساگر جي پيرن ۾ ويهي ساڻس اکين ۾ اکيون ملائي ڳالهائي رهي هئي پر هاڻي هن پنهنجون اکيون جهڪائي هيٺ ڪري ڇڏيون، هن جون نظرون پنهنجي گوڏن ۾ اٽڪي پيون.

“ساگر سيني منهنجي خوبين کي پليڪار ڪيو، خامين تي خفا رهيا، خدا جي قدرت مون ۾ خاميون بـ گهٽيون ئي رهيون، مون کي ڪوبـ اهڙو ماڻهو نـ مليو جيڪو خوبين سان گڏ خامين کي بـ قبول ڪري، جڏهن تون بـ مون کان خفا ٿيندو آهين تـ ڇڻ منهنجي جيئڻ جو مقصد ئي ختم ٿي ويندو آهي، منهنجي دل چوندي آهي تـ مون کي خوفناڪ موت اچي، هڪ اهڙو ڀيانڪ موت اچي جنهن سان هرهڪ ماڻهو ڇرڪجي وڃي، سيني جي لونءُ لونءُ ڪانڊارجي وڃي .... ڇو جو منهنجي لاءِ سڀ ڪجهـ تون آهين، سڀ ڪجهـ تون .... جڏهن ڪوئي ڪنهن کي حد کان وڌيڪ چاهڻ شروع ڪري، جڏهن ڪوئي ڪ نهن کي خوش رکڻ لاءِ جان جي بـ پرواهـ نـ ڪري ۽ ان کي ان جي هٿن کان

ڏک ملن تہ پوءِ ان جي حالت ڇا هوندي!؟ جڏهن کان توکي خوش رکي نہ سگهي آهيان تڏهن کان آپي مان نڪري وئي آهيان، توکي ڪهڙي خبر مون توکي ڪيتري شدت سان چاهيو آهي.“

سيما اکيون کڻي ساگر ڏانهن ڏٺو، هن جي اکين ۾ پيار جو سمنڊ ۽ لڙکن جو درياهہ هو، ساگر کان تاب سئو نہ ٿيو، ڪنن مان ڪپهہ ڪيڍي ڪاوڙ مان ڪپڙا ڇنڊي اٿيو، سيما بہ ساگر جي اٿڻ شرط اٿي بيهي رهي، ساگر ڪپهہ سيما جي هٿن ۾ اڇلائي جذباتي انداز ۾ چيو ”گهڻو وقت زيان ڪيئي هاڻ وڃان ٿو.“

سيما جيڪا اڄ چپ ٿيڻي نہ هئي، پنيان رڙيون ڪري ڪيس چوڻ لڳي ”ساگر .... ساگر .... ساگر منهنجي ڳالهہ تہ ٻڌ ....“ پر ساگر وڃي چڪو هو، هاڻ هوءَ پٽ ڪي ئي ساگر سمجهي پنهنجي اندر جي باهہ ڪيڍي رهي هئي.

”جاني! دل تي چوي اڄ پنهنجي دل ڪيڍي تنهنجي سامهون رکان پر منهنجي دل منهنجي سيني ۾ هجي تہ پوءِ نہ، اها تہ ان ڏينهن ئي تنهنجي سيني ۾ منتقل ٿي وئي هئي، جنهن ڏينهن توسان نينهن لڳو هو پر هاڻ تہ ائين ٿو لڳي ڄڻ منهنجو دماغ بہ تنهنجي وس ٿي ويو آهي.“

هوءَ زمين تي ٻي ستي ٿي ڪري پوي ٿي، پنهنجي ساڄي ٻانهن مٿي ڪڻڻ چاهي ٿي پر هٿ جون آڱريون بہ کولي نہ ٿي سگهي.

بيوسي وچان روئڻ لڳي ٿي، ”نندي هوندي سڀ چوندا هئا چري آهين، آئون سوچيندي هئس ڇا مان چري آهيان؟!، جيئن ٻيا ڪپڙا پائين ٿا آئون بہ پايان ٿي، جيئن ٻيا ٿا کائين پيئن، تيئن آئون بہ کاوان پيئان ٿي، اٿان ويهان ٿي، پوءِ ڇا مان چري آهيان؟ پر هاڻ احساس ٿئي ٿو واقعي آئون چري آهيان، زندگيءَ ۾ کائڻ پيئڻ، اوڍڻ، اٿڻ، ويهڻ کان علاوه بہ گهڻو ڪجهہ گهرجي ٿو.“

هوءَ رڙيون ڪرڻ لڳي ٿي ”ڪير ٿو چوي، ڪير ٿو چوي تہ پيار زندگي آهي، پيار موت آهي، ها هڪ خوفناڪ موت اهڙو موت جنهن ۾ نہ ماڻهو جي سگهي ٿو، نہ مري سگهي ٿو، ڪير ٿو چوي تہ ڪو اعتبار، اعتماد نالي ڪا شئي بہ هوندي آهي، هتي تہ صرف دغا آهي، بي وفائي آهي، پيار نہ ڪجي ڪڏهن بہ نہ ڪجي، ڪنهن سان بہ نہ ڪجي.“

هن جون رڙيون پٽين ۾ ئي دفن ٿي وڃن ٿيون، گهڻي دير جي خاموشي ڪانپوءِ هوءَ پيهر ڳالهائڻ شروع ڪري ٿي "توکي چاهڻ ڪانپوءِ مون کي اهو احساس نہ رهيو آ تہ آئون ڇا پئي ڪريان؟ ايتري شدت ڇو آهي چرين وانگر ائين پتڪڻ ۾ اظهار بہ نہ ڪرڻ، ها مون کي خبر آهي تو وٽ ٽائيم نہ آهي، منهنجون فضول ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ، خبر اٿئي منهنجي دل چوندي آهي آئون صديون توکي ويهي ڏسان، جيئن ئي منهنجي اک بند ٿئي تون منهنجي اکين جي پتلي ۾ قيد ٿي وڃين ۽ جڏهن مرڻ ڪانپوءِ پيهر اکيون کوليان تہ تنهنجو عڪس سامهون پايان، شرم حياءَ ۾ ٻاڙهي ٿي وڃان، تنهنجي ڇاتيءَ ۾ ائين لڪي وڃان جيئن دنيا جو ڪو بہ ماڻهو مون کي ڏسي نہ سگهي، دنيا جي هر گردش کان لڪي وڃان، ڪير ٿو چوي تہ پيار کان وڏيڪ ڪجهہ ٻيون شيون بہ ضروري آهن تون سڀ ڪجهہ ونئي وڃ مون کان، صرف پيار جو هڪ لمحو مون کي ڏي، خدا کي مڃ پيار جو صرف هڪ لمحو مون کي ڏي، مون کي ائين نراس نہ ڪر، تو وٽ ڀيا بہ ڪيترائي غم آهن، محبت کان علاوہ پر مون وٽ صرف تنهنجو غم آهي، مان تنهنجا سمورا غم اکين سان ڪڻان ٿي، تون منهنجو هڪڙو غم ختم ڪر. منهنجي ٻڪ تنهنجي نظرن سان ۽ اڄ تنهنجي چپن جي پاٽيءَ سان ختم ٿي ويندي، مون کي ائين نہ ڌڪار، مون کي ائين نہ ڌڪار، ڪجهہ تہ رحم ڪر." سيما ائين ڳالهائي رهي هئي، جڏڻ ساگر سندس سامهون ويٺو هجي پر هن جا سمورا ايلاز بي معنيٰ هئا، هن جا وار وکريل هئا، سڏڪن ۾ ورتل، اڌ مُئي ٿي وئي هئي.

ساگر تون منهنجي صرف هڪڙو دفعو ڳالهہ ٻڌ مان تنهنجي زندگيءَ مان ئي نڪري وينديس هميشہ لاءِ، ڳوڙها اگهندي اڳتي وڌي ٿي ۽ سامهون رکيل جيت مار دوا ڪڻي پيئي ٿي، مون کي افسوس رهندو توکي ڪجهہ بہ نہ ڏئي سگهيس ۽ نہ ئي ڪجهہ وٺي سگهيس، ڪجهہ گهڙين ڪانپوءِ هوءَ اکيون کولي ٿي، کيس پنهنجي سامهون ڊاڪٽر بيٺل نظر اچي ٿو ۽ ڀيا بہ گهڻا ئي ماڻهو جيڪي ڪجهہ طعنا بہ ڏئي رهيا هئس ۽ عجيب نظرن سان ڏسي بہ رهيا هئس، پر هوءَ خاموش هئي، هر هڪ ڏي ائين ڏسي رهي هئي جڻ ڪجهہ پڇندي هجي، ڇا مون لاءِ موت بہ ايڏو مهانگو آهي جو ملهہ نہ ڏئي سگهيس.

# حضرت عشق



رات جو هڪ تيو هيو اوچتو در کڙڪيو گهر جا سمورا ڀاتي ستا پيا هئا منهنجي اک کلي ائين سمجهيم ڄڻ ڪو سڏيندو هجي ليليٰ هلي آ جاني هلي آ .... پاڻ کي ڀاسيم ڄڻ روبوٽ هجان ۽ ڪنهن رموٽ ڪنترول جو بٽڻ دٻايو هجي ۽ مان سڌو سنئون اُن ڏانهن وڌندي ويندي هجان مون در کوليو سامهون ڄڻ ڪو شهنشاهہ بيٺو هجي، ڇيم ڪير آهين ....؟ ڇيائين مان اهو شخص آهيان جو جنهن بہ در تي ويندو

آهيان تہ انسان پنهنجي وس کان نڪري منهنجي وس ۾ هليو ايندو آهي، ان جي ننڊ آرام، کاڌو پيتو، ميل ميلاپ منهنجي هٿ هوندو آهي، و: کان وڌ طاقت رکندڙ انسان منهنجي اڳيان بيوس ٿيو وڃي، مون کي جيڪو انسان وڻي ان کي مئيون مٿيون اذيتون ڏيندڙ شراب پياريندو آهيان، وقت جا عجيب و غريب نہ سمجهہ ۾ ايندڙ تحفا ڏيندو آهيان. مان بادشاهن جو بادشاهہ آهيان انسان وقت جي گرفت ۾ آهي ۽ وقت منهنجي گرفت ۾ آهي.

آخر تنهنجو نالو ڇا آهي؟ تون هتان ڇا ٿو چاهين بلڪہ تون مون کان ڇا ٿو چاهين.....؟.

مان توکان ڪجهہ بہ نٿو چاهيان بلڪہ توکي ڪجهہ ڏيان ٿو ۽ منهنجو نالو آهي حضرت عشق.

هن جي آڱر ۾ ڪنهن خوبرو نوجوان جو هٿ هيو جيڪو مون کي ڏسي مرڪي رهيو هو، حضرت عشق ان خوبرو انسان جو هٿ وڌائي منهنجي هٿ ۾ ڏنو ۽ پوءِ پاڻ هليو ويو. ان خوبصورت انسان جنهن جو قد 6 فٽ 10 انچ هيو جنهن جي ڇاتي ويڪري هئي ۽ سنهڙا چپ، شرابي اکيون ۽ ڳاڙها ڳٽا، جنهن جا ڪارا ريشمي وار پنيان ڪلهن تي ۽ اڳيان نرڙ تي پئي ڪريا، هن منهنجي هٿ کي وٺي پنهنجي گلابي چپن تي آڻي چمي ورتو. اوچتو منهنجي اک کلي ويئي ۽ پوءِ پوري رات اک بند ٿيڻ جو نالو ئي نہ ٿي ورتو، اندر ۾ الائي ڪهڙا ٿي پُور پيا اکين ۾ الائجي ڪهڙي پئي ڇپن ٿي. 16سالن جو سنهڙو جسم ويٺي ويٺي ئي ويڙهجي پئي ويو ،اوچتو ئي اوچتو ان چميءَ جو هٿ تي ذائقو محسوس ڪندي لونءَ ڪانڊارجي ٿي ويئي ۽ آئون سميٽجي ٿي ويس. پوري رات چادر ۾ پاسيري ٿي ڳوڙا ڇاتيءَ سان لائي پاڻهن سان منهن ڍڪي ڪرونڊڙي ٿي گذاري، صبح سان امان رڙ ڪري اٿاريو پر مان اٿي ئي نہ سگهيم، نيٺ تنگ ٿي امان منهنجي مٿان آئي هوءَ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي لڳي پئي هئي.

ڇوڪري توکي ٿيو ڇا آهي؟ مان ڪتي آهيان جو صبح صبح سان پئي پونڪون ڪيان؟، اٿين ڇونہ ٿي؟

مون پوءِ بہ ڪو جواب نہ ڏنو هن تنگ ٿي هڪ ٺڦ مونکي

وهائي ڪيدي، جيئن ئي امان جي هٿ منهنجي ڳِتي کي ڇهيو تہ امان جي نڙيءَ مان هڪ رڙ بہ نڪري آئي مئيس هن نياڳيءَ کي تہ بخار آهي، ڏس تہ باهہ پئي ٻري جهڙوڪ ماني پچاءِ، منهنجي اکين مان اُن وقت نير پئي وهيا ۽ چپ پئي ڦڙڪيا امان بار بار پئي پڇيو اي امان سيءُ ٿو لڳيئي تہ رلهي ويڙهيانءِ؟ ۽ جيڪا پل کن اڳ باهہ هئي اها هاڻ ميڻ پئي ٿي، جڻ تہ سچ کي پئي هجي. منهنجو سڄو ڏينهن ائين گذريو بابو بہ گهر ۾ ڪونہ هيو، ڪم سانگي ٻاهر ويل هيو. امان سڄو ڏينهن پنهنجي هنج ۾ کيون پئي وارن ۾ آڱريون ڦيرايون. ان ڏينهن مون ڪجهہ بہ نہ کاڌو هيو ۽ نہ ئي ڪجهہ پيتو هيو، اماءن جون اکيون در ۾ هيون تہ ڪهڙي مهل ٿو بابو اچي ۽ مون کي ڪنهن مسيحا کي ڏيکاري اچي، اهو ڏينهن تہ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني گذري ويو، وري رات آئي ۽ مان سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ جي ڪري سمهي پيس، ٻين کي ٿڪ ٿيندو آ ڪم ڪرڻ جي ڪري ۽ مون کي ٿڪ ٿيندو آ ويهڻ يعني آرام ڪرڻ جي ڪري. انسان آهيان نيٺ اک لڳي ئي ويئي بس ويرم ئي ڪانہ گذري ساڳي ئي شهنشاهہ .... در ڪڙڪايو ۽ مون ساڳئي ئي طرح در کوليو، بس فرق صرف لفظن جو هيو، هن چيو ڏنئي مون توکي چيو هيو نہ تہ مان اهڙو شخص آهيان جو آدميءَ جو ڪائڻ پيئڻ، آرام، آرائش سڀ ڪجهہ کسيو ڇڏيان.

تون ان نوجوان کان اک نہ چوراءِ، هي تنهنجو سک آهي، چين آهي. ان ۾ پنهنجو پاڻ شامل ڪر ..... تون ڏاهي ٿي ويندينءَ، ائين چئي اهو شخص گم ٿي ويو. منهنجي سامهون ساڳيو ئي نوجوان ساڳي ئي مرڪ پئي مرڪيو. اڄ رات هو منهنجا ٻئي هٿ جهلي مون کي پنهنجي ويجهو ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪري، هن جا ساهہ مون محسوس پئي ڪيا، هن جي ساهن ۾ خوشبوءِ هئي، اهڙي خوشبوءِ جيڪا ڪنهن بہ گل ۾ نہ هجي، عطر ۾ نہ هجي. هن جي گرم گرم ساهن جڻ مون کي ڇمي پئي ورتو.

مون هن کان پنهنجا هٿ پئي ڇڏرايا تہ هن پاڪر ۾ ٻري ورتو ۽ مون کان هڪ زوردار رڙ نڪري آئي، اک کلئي ڏٺو تہ امان مون مٿان پاٽي جهليو بيٺي هئي، امان !ڇا ٿيو؟ جيجل اُٿ تہ پاٽي پيءُ ڪوئي

خواب پئي ڏنئي ڇا؟.

ماءُ پيءُ کي اڪيلي ڏيءُ هيس ستن ڀائرن ۾، اتفاق سان ڀائر بہ ڪو ڪيڏانهن تہ ڪو ڪيڏانهن هليو ويو هو،امان ڀائرن ۽ ابي جو پيار ڏسي هميشہ مون کي دڙڪا ڏيندي هئي، انهن سان وڙهندي هئي تہ ڌيءَ کي آڪرو ڪري ڇڏيو آ توهان، ڌيءُ پرائو ڌن آ، ان کي ايترو پيار نہ ڏيو جو هوءَ ابي امان جو گهر وساري نہ سگهي، اڄ نہ سياڻي هن کي پنهنجو گهر وسائڻو آهي ۽ هن کي ان ئي گهر ۾ دل لڳائڻي آهي، حد کان وڌيڪ پيار ۽ لاڏ آڪرو ڪري ڇڏيندس. پر اڄ هوءَ ابي کان وٺي ستن ئي ڀائرن تي ڪاوڙ ڪري رهي هئي تہ الائي ڪٿي مري ويا آهن؟ جو گهر ڏانهن منهن ئي نہ ڪيو اٿن. ڪوبہ هڪ اچي تہ ها، اهو بہ نٿا سوچين تہ گهر ۾ اڪيلي ماءُ ۽ جوان ڀيڻ ڪيئن رهنديون؟. وقت تہ ڇا ٿي ويو آ، مال متاع گهر ۾ ڇا ناهي؟.

آئون سڀني ڀائرن کان ننڍي هيس ننڍي هوندي کان ئي اگر ڪو ٻار مون کي ماري يا آئون ڪنهن سان وڙهي پوان تہ ڀائر بہ ان سان وڙهي پون ۽ آئون پنهنجو قدر وڌائڻ لاءِ انهن کي اهو بہ ٻڌائيندي هيس تہ غلطي منهنجي آهي.

اگر ڪنهن ڇوڪريءَ جون چوڙيون، پونيون يا چوٽي وٺي وڃي تہ ان کان زوريءَ ڪسيندي هيس، ڪسي نہ سگهان تہ ڀائرن کي چوندي هيم ۽ ڀائر ان کان ڪسي مون کي ڏيندا هيا، اهو ڏينهن خالي نہ هيو جو ڳوٺ جي ڪا مائي امان وٽ دانهن نہ کڻي آئي هجي تہ تنهنجي ڇوڪريءَ ۽ ڇوڪرن اسان جي معصوم نياڻيءَ کي ماري پوني ڪسي آ يا چوڙيون ڪسي آيا آهن. امان ڀائرن کي ۽ مون کي دڙڪا ڏيئي شيون واپس وٺي انهن کي ڏيندي هئي تہ ابو مون کي ۽ ڀائرن کي پرچائڻ لاءِ ساڳي ئي شئي وٺي ڏيندو هو، اهو ئي سبب هيو جو ڳوٺ جي ڪا بہ ڇوڪري يا ڇوڪرو مون سان گڏ نہ کيڏندو هو، پري کان مون کي ڏسندو هو تہ ڀڄي وڃي لڪندو هيو، بس منهنجا ڀائر ئي منهنجا دوست هيا ۽ منهنجون سهيليون هيون.

مون کي اڄ جي چڪيءَ واري ٺڪ ٺڪ جو آواز ڏاڍو وڻندو هيو، ڳوٺ کان ٿورو پري چڪيءَ جو آواز ڪنهن ڏينهن بند ٿي وڃي تہ

آئون روئندي هيس، مون کي هلائي ڏيو اهو آواز هلائي ڏيو.

پوءِ منهنجا پائر مشين مالڪ کي پئسا ڏئي زوريءَ مشين ٽوري دير لاءِ هلرائيندا هيا ۽ دعا گهرندا هئا "الله ڪري اڄ مشين بند نه ٿئي" ۽ پائرن جو هر ڪم ڪرڻ مون کي سٺو لڳندو هيو، انهن لاءِ ماني ناهڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، انهن جون شيون سانڍڻ، مطلب ته پائرن جو سمورو ڪم آئون پاڻ پنهنجي هٿن سان ڪندي هيم، امان صرف مال کي چارو ڏيندي هئي، پائر اگر گاهه جي ڪتر ڪن ته مشين ۾ گاهه آئون ڏيندي هيس، اڌ گاهه وجائيندا هياسين يعني گاهه ڪٽي پائرن جي منهن ۾ هڻندي هيس، چپ چپ ڪري پنيان سندن قميص ۾ وجهندي هيس، گاهه جا تيلا ڪٽي پائرن جي ڪنن ۾ والا ڪري، مٿي تي ٽڪو ڪري ڳلي ۾ هار ڪري پائيندي هيس، مطلب هو ڏاڙهيءَ سان ٿي ويا هئا . پوءِ به پار ٿي مون کي ڪيڏائيندا هيا . هنن جي عمر شادي جي ٿي وئي هئي ڳوٺ ۾ ڪو به هنن کي سڱ ڏيڻ لاءِ تيار نه هو صرف ان ڪري ته آئون پائرن جي حد کان وڌيڪ اربيلي هيس، هر ڪوئي چوندو هيو هي پيڻ مان جان ٿتا ڇڏائين زالون ڪيئن هلائيندا؟

۽ پائرن جي به اها ئي خواهش هئي ته پهريان پيڻ کي پرڻائيندا سين پوءِ پاڻ لائون لهندا سين.

خير پهرئين وانگر پي رات به گذري ئي ويئي، صبح ٿيو صبح جو به ساڳئي حالت هئي مون هڪ اکر به زبان مان نه ڪڍيو هيو . امان مون کي ايلاز ڪندي رهي امان! ڪجهه ته ڳالهاءِ؟ پر منهنجي زبان تي ڄڻ ڪو تالو لڳي ويو هجي، نڙي سڪي ڪنڊا ٿي ويئي هجي، مون کي سمجهه ۾ نه پئي آيو آخر اهو نوجوان ڪير آهي؟ ڪٿي آهي؟ مون ته ڪڏهن به ڳوٺ کان ٻاهر ۽ ڳوٺ ۾ اهڙو ڪو ماڻهو نه ڏٺو آهي ۽ ماڻهن جي مون سان پئي به ڪانه، اصل مون کان لڪندا وتن، مان به ته اهڙي آهيان جو بس توبهه! منهنجي وري ڪهڙي ماڻهن سان پئي، جو ماڻهن جي مون سان پئي.

اوچتو در کڙڪيو منهنجي ماءُ مون کي پنهنجي هنج مان ڪڍي در کولڻ لاءِ ويئي، سامهون وهاب ۽ آفتاب هيو منهنجو وڏو ۽ ٽيون نمبر پاءُ، جيڪي پنهنجي دوستن سان گڏ شڪار تي ويل هيا. منهنجي ماءُ

پيءُ بہ ستن ئي پائرن جا نالا هڪ ٻئي سان ملندڙ جلندڙ رکيا هيا، وڏو وڏو وهاب ٻيو نمبر شهاب، ٽيون آفتاب، چوٿون مهتاب، پنجون نواب، ڇهون ارباب ۽ ستون سهراب. سهراب کي آئون هميشہ عذاب سڏيندي هيس ۽ سڏيندي آهيان هو ڏاڍو چڙندو آهي، سهراب نواب ۽ ارباب منهنجي ناناڻن ڏي ٻئي ڳوٺ پنجن ڏينهن کان گهمڻ لاءِ ويل هئا، باقي شهاب شادي جي سڏ تي ۽ مهتاب بابي سان بابي جي دوست جي دعا گهرڻ لاءِ شهر ويل هيو. امان آفتاب ۽ وهاب سان جنگ لايون پئي آئي ڏاڙهي اچي ٿي آٿوَ پر اجان بہ شڪار ۽ ٻارن وارا ڪم، اتو گهرجي ڪا ڳڻتي؟ امڙ جو ڪو فڪر بہ اٿو يا نہ؟، هونئن تہ پيٽ لاءِ سر پيا ڏيو، ڏسو تہ سهي ڪالهہ کان ڪهڙو حشر ٿيو اٿس، نہ کائي ٿي نہ پيئي ٿي، نہ ڳالهائي ٿي، نہ ٻولهائي ٿي. ان جي الڪي ۾ ڍور ڍڳا بہ بک مري ويا آهن. آئون ڇوڪريءَ جي ڪيان يا گهر جي؟ يا ان بي زبان جانورن جي؟ چوين شادي ڪريو تہ اها بہ نہ، پيٽ جو گهر آباد ڪريون تہ پوءِ ڏسنداسين. اڙي ابا! اها توهان کان ننڍي آهي، اها خواهش رکي ٿي تہ سندس پائرن کي موڙ ٻڌي ، ميهندي لائي. هونئن تہ هر خواهش مڃن ٿا پر اها الائي ڇو نہ ٿا مڃن؟ پر منهنجي پائرن سندس ڪابہ ڳالهہ نہ پئي ٻڌي. هنن مٿان جڻ خبر پوندي ئي وڄ ڪري پيئن ڊوڙندا اچي منهنجي ڪٽ جي ٻنهي پاهين کان بيهي رڙيون ڪرڻ لڳا: پيٽ !چا ٿيو؟ ٻڌاءِ! منهنجي امان توکي ڇا ٿيو آهي؟ ساڄي هٿ کي وهاب ۽ کاٻي کي آفتاب پڪڙيون پئي چميو، منهنجي پائرن جي اها حالت ڏسي امان بہ چپ ٿي ويئي ۽ اکين مان نير ٿي وهايائين.

منهنجا پائر پنج وڏا ۽ بہ ننڍا آهن، يعني آئون ڇهين نمبر تي آهيان پر لڳندو ائين آهي جڻ مان سڀني کان وڏي هجان، وهاب ڇيو آفتاب کي تون وڃ ۽ ابي وارن کي فون ڪر ۽ جيئن بہ ٿي سگهي تيئن بين پائرن کي بہ گهرائي وٺ پر خيال ڪجان تہ هُو پريشان نہ ٿين، پوءِ اچي تون مال ڍڳي جو ڪر ۽ امان کي دلاسو ڏي مان وڃي پيٽ کي ڊاڪٽر کان دوا وٺي ڏيان.

آفتاب ڪنڌ سان هائوڪار ڪندي، ڳوڙها اگهندي ٻاهر نڪري ويو ۽ وهاب مون کي ڪلهي جو سهارو ڏيندي امان کي ڇيو تہ

مون تي چادر وجهي ۽ هو ڪنهن ٻار وانگر مونکي اسپتال ڪٺي آيو، اسان جي ڳوٺ جي اسپتال ڪا وڏي اسپتال نہ هئي هڪ ننڍڙي اسپتال هئي ۽ مون کي بہ ڪڏهن ڪا ضرورت نہ پئي هئي اسپتال اچڻ جي، مون پهريون ڀيرو ڏٺي هئي اسپتال. ڊاڪٽر بخار جي دوا ڏني ۽ چيو حوصلو رکو بس بخار آهي، انشاءِ الله لهي ويندو.هيءَ هڪ دوا لکي بہ ڏيان ٿو اها صبح، منجهند ۽ شام تي وقت وجي پيئاريوس ۽ في الحال جلد هضم ٿيندڙ خوراڪ کارايو، پل پوءِ اها ٿوري ئي چو نہ هجي، جيڪا کائي سگهي.

پاڻ مونکي واپس گھر ڪٺي آيو ۽ پوءِ سموري خدمت پاڻ ڪندو رهيو کارائڻ کان وٺي پيئارڻ تائين ، پر مون کان ڪجهہ نڙيءَ هيٺ لهي ئي نہ، پت جون بہ چمچيون ۽ دوا بہ نڙيءَ ۾ ئي رهجي وجي. اها حالت ابي ۽ ڀين ڀائرن کان ڏٺي نہ ٿي، بابي چيو شهر ۾ وڏا ڊاڪٽر آهن هن ڊاڪٽر جي دوا سان بخار تہ پري پر ڪجهہ هيٺ لهي ئي نٿو، دوا پيٽ ۾ نہ ويندي تہ بخار ڪيئن لهندو، شهر ڪٺي ٿا هلون اُتي ڊرپ وغيره چاڙهيندا تہ من ڪجهہ ڳالهہ نهي بہ پئي، اها صلاح سيني کي وٺي ۽ ائين پئي ڏينهن تي ئي مون کي شهر جي وڏي اسپتال ۾ آندائون. عجيب ڊاڪٽر، ڊاڪٽرياڻيون هيون نرسون هر وقت خيال رکڻ لاءِ بيٺيون هيون، خبر ئي نہ پئي ڊرپون چڙهي ويون الئجي ڪهڙيون ڪهڙيون ٽيسٽون پئي ٿيون، چارئي ڀائر ۽ بابو هڪ منٽ لاءِ بہ نہ پئي وينا ، ڪو ڪيڏانهن تہ ڪو ڪيڏانهن پئي ڀڳو، منهنجي رات ۽ ڏينهن هڪ ٿي ويئي بس صرف نير پئي وهيا، چپ پئي تڙڪيا ۽ جسم پئي ڏڪيو، صفا برف ۽ ڪهڙي وقت اصل باهہ ،ڪڏهن اک لڳي وجي تہ ساڳي ئي نوجوان اڇي رنگ جي گهوڙي تي تہ ڪڏهن اٺ تي، مون کي جهپي ڪٺي پئي ورتو ۽ منهنجي اک کلئي پئي وجي، اک کلڻ تي مون پيو ڪجهہ بہ نہ پئي ڪيو بس صرف تيز تيز ساهہ پئي کنيا ۽ لچ پچ ۾ ڊرپون وغيره لاهي پئي ڇڏيون.

صرف ائين نہ هيو تہ بابي جن وڏي اسپتال ۾ آندو هيو پر امان بہ وس کان نہ گهٽايو هيو نظر ڪٽڻ کان وٺي دعائن ۽ باسن تائين هر حيلو ٿي ڪيو، ڊاڪٽرن کي ڪا بہ بيماري سمجهہ ۾ نہ اچڻ ڪانپوءِ پاڻ ۾

ميٽنگون ڪرڻيون پيون مختلف شهر جا ڊاڪٽر اچي گڏ ٿيا منهنجون رپورٽون ڏٺائون، امان ۽ بابي جي ذهن ۾ به ويهجي ويو ته ڪا بيماري ناهي ته بس ڪو جن هوندو، جيئن ڏينهن گذرندا ٿي ويا تيئن خواب وڌندا ٿي ويا ، هاڻ ته هو ماڻهن جي موجودگي ۾ به اچڻ لڳو هو، آئون ان ڪان ڇڻ ڏجي ويئي هيس، ائين به پئي سمجهيو ته منهنجو علاج صرف ان وٽ آهي اهو ئي منهنجو مسيحا آهي پر آواز نڪري ته پڌايان نه؟

ڏينهون ڏينهن ويس وڌيڪ سُڪندي ۽ رنگ به جيڪو گلابي هيو اهو ڇڻ پيلو پئي ٿيندو ويو، بابي وارا بخوبي سمجهي ويا ته هاڻ هي اسپتال جو ڪمرو ڏيءَ کي ڪائي ويندو ان لاءِ پلو آهي ته ان کي هتان ڪيڏي هلون ڇو جو آئون ڪمري جي ديوارن، در ۽ تصويرن کي ڏسي لڇڻ لڳي هيس، انهن کي ڪهڙي خبر ته آئون ان نوجوان کي ڏسي رهي آهيان. بابي پائرن سان صلاح مشورو ڪري مون کي اسپتال مان ڪيڏي آيا پوءِ بس ڳوٺ ۾ ڪنهن چيو جن آهي، ڪنهن چيو ڍوهه (ڪارو علم) آهي ،ڪنهن چيو نظر آهي، پوءِ بس گهر ۾ ڪڏهن صلوات پئي هلي، ڪڏهن قرآن خواني پئي هلي، ڪڏهن پير پئي آيا ته ڪڏهن مون کي بيبين ڏانهن، روزن، شريفن ڏانهن وني پئي ويا. پائرن به ڪائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنو وڏي جي ته ڏاڙهي به نڪري آئي هئي، مٿي ۾ ته ڇڻ ڪنهن ڏوڙ وجهي ڇڏي هجيس، امان اڪيلي هجڻ ڪري ڪپڙا به ڌوئي نه سگهي، پئي ڳوٺ مان منهنجي ماسي ۽ پڦي به گهرائي هيائين جيڪي ٿورڙو گهڻو ڪم ڪار ڪنديون هيون، پر سيني جو ڇڻ خون ڄمي ويو هجي، ڇڻ هو سڪي ٿڌا ٿي ويا هجن. منهنجي بيماريءَ کي مهينو ٿي ويو آخر پائر مجبور ٿي مون کي پوپن ڏانهن وني آيا، ابي وارا سمورو مال به وڪڻي چڪا هئا بس صرف ٻه ڍڳيون وڃي بچيون هيون، جيڪي پوپن ورتيون، پهريان ته لهرائين پيا ڇو ته هو نه پيا چاهين ته آئون ڪنهن جي هٿان ڪُتجان ،پر منهنجي نيڪ ٿيڻ جي آخري اُميد اها وڃي بچي هئي.

پوپن نه چاڻ الائي ڇا ڇا پئي ڪيو ،انهن باهيون پئي ٻاريون دونهان پئي ڏنا، پڌي چيو پئي فلاڻا شهنشاهه جن نڪري وڃ نياڻي جي جند ڇڏي وڃ، پر هاڻ مون وٽ به ڪجهه ڪونه بچيو هيو، مون وٽ جيڪو

ڪجهہ هو اهو حضرت عشق پاڻ سان گڏ ڪنيو ويو هيو، هاڻ مان صرف هڏن جي مٺ وچي بچي هيس، منهنجي اندر مان ڪا بہ آهہ ڪا بہ صدا نہ پئي نڪتي جڻ پوپيا الائجي ڪنهن کي ماري رهيا هئا ڪو بہ آواز نہ پئي نڪتو.

نيٺ پوپيا بہ نراس ٿي بيهي رهيا، منهنجي اکين جي اڳيان تہ صرف اهو نوجوان هيو، جيڪو مون کي سڏي رهيو هيو، جنهن جي منهن تي اذيتن کي متائڻ واري مرڪ هئي، پوپن منهنجي هڏن تان ڪل بہ لاهي ڇڏي هئي، ست ئي پائر بيوس ٿي، امان سان گڏ منهنجي مٿان بيٺا هئا، انهن جون آهون ۽ دانهون سڏڪا نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا هئا، اکيون ڳاڙهيون ڏار ڏنل، جسم سڪي ويا هئن، جڻ هر ڪوئي چوندو هجي يا الله اها بيماري اسان کي ڏي اسان جي پيڻ کي پهريان جهڙو ڪر. ست ئي پائر امان ۽ بابا منهنجي چئوطرف ڦرڻ لڳا، هاڻ منهنجي چهري تي مرڪ هئي ۽ هنن جي منهن تي آخري اُميد هُو چوٿون ڦيرو ڏيڻ لڳا تہ منهنجي زبان تي لفظ اچڻ لڳا مون هٿ ان نوجوان ڏانهن وڌايو ۽ چوڻ لڳم ”حَہ ..... حَہ ..... حضرت عشق“ ۽ پوءِ منهنجو هٿ زمين تي ڪري پيو ۽ اکيون هڪ جڳهہ تي سڪي ويون، ڳوڙها بند ٿي ويا مرڪ فاتح ٿي چهري تي چڙهي، جيسين پائر، امان ۽ ابو ستون ڦيرو ڏين تيسين منهنجي ماسيءَ رڙ ڪندي چيو ادي ليليٰ وئي اسان کي ڇڏي، ليليٰ وئي مجنونءَ ڪيِ، ليليٰ وئي امان ڪري پئي، پائر مٿو منهن ڪٽيندا رهيا ۽ بابو پٿر ٿي ويو، منهنجو روح سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو هو، حضرت عشق هڪ طرف روئي رهيو هو ۽ هڪ طرف چئي رهيو هو مون کي جيڪو وٺندو آ ان کي مٺيون مٺيون اذيتون ڏيندڙ زهر پياريندو آهيان.

# موت



موت کي حڪم ٿيو تہ وڃ سرير مان روح کي ڪڍي اچ، موت واچ ۾ ٽائيم ڏٺو، ڪيس مليل ٽائيم ۾ اڃا پنجٽيهہ منٽ باقي هئا، رستو ايڏو ڏگهو نہ هو، اک ڇنڀ ۾ اتي پهچي پئي سگهيو پر ڪيس انهن پنجٽيهہ منٽن ۾ ڪنهن جو بہ ساهہ ڪڍڻو نہ هو، انهيءَ سبب الائي جي ڪنهن ٻئي سبب هن جي ذهن ۾ الائي ڇو اهو خيال آيو تہ اڄ اهي پنجٽيهہ منٽ بہ ان ڇوڪريءَ جي ويجهو وڃي ڏسان تہ هوءَ ڇا ٿي

ڪري؟ ڇا تي سوچي؟.

موت اک ڇنپ ۾ ان ڇوڪريءَ جي ويجهو پهچي ويو، هن پنهنجو پاڻ کي ڇوڪريءَ جي اکين کان اوجهل رکيو.

پرهه ڦٽيءَ جو وقت هو، ڇوڪري ننڊ مان اٿي، اکيون مهٽيندي گهڙي مان پاڻي اوتي کونئرو ڀري وڃي هٿ منهن ڌوئي وضو ڪرڻ ويٺي.

هُن وضو ڪري مصلو کڻي فجر جي نماز ادا ڪئي، نماز مان فارغ ٿي هوءَ کير جو ٿانءُ کڻي ڳئون ڏهڻ ويٺي، جتان فارغ ٿي هن ٻهاري ڏني ۽ پوءِ ماءُ جي پيراندي‌ءَ کان ويهي ماءُ جي پيرن کي ڇهندي هلڪڙي آواز ۾ چيائين "امان! مان ماني پچائڻ ٿي وڃان، تون ڏڌ ولوڙ"

ماڻهس ننڊ اکڙي اوپاسي ڏيندي اکيون مهٽي اٿي ۽ چيائينس "ها ڌيءَ پر پهريون پٽهين ۽ پاڻهين کي اٿار!"

سنهڙي سهڻي سپاجهڙي ڇوڪريءَ ماءُ جي حڪم جي بجا آوري ڪندي پيءُ ۽ ڀاءُ کي ننڊ مان اٿاريو، ڀاڻس اٿندي ئي پيءُ سان ڪروڌ ڀريل آواز ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو "بابا مان آخري دفعو چوانءِ ٿو، ڪونج جو رشتو ڏئي ڇاڇي ولوءَ کان سهڻيءَ جو سڱ وٺي ڏي، نه ته اجايو ڏچي ۾ پئجي ويندين، مان سهڻيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهه به ڪري سگهان ٿو."

پڻهس به وڏي ڪاوڙ مان چيس "ولو نٿو مڃي ته مان ڇا ڪيان ۽ تنهنجا افعال اهڙا آهن، ڪير ڀلا پنهنجي ڌيءَ ڏئي رلائيندو؟ توکي ڪم نه ڪار، کهڙو ڏنڊو ڏاڙي اٿئي؟ سواءِ صبح صبح ڪروڌ ڪرڻ جي، اڙي چور! سچو تر تپائي ڇڏيو اٿئي، نڪ وڍائي ڇڏيو اٿئي، منهنجو پيءُ ڏاڏو سڀ شريف ماڻهو هئا، مون به سڄي عمر ڪنهن سان ڪئوڙي واتين نه ڳالهايو آ، پر تنهنجي ڪري اڄ سڀ ڪو مون کان به نفرت ٿو ڪري، چور جو پيءُ ٿا سڏين، ٻئي ٽئين ڏينهن پوليس وارا اچي در تي ٿا بيهن، گهر تي ڪڙو ڪاهي ٿا بيهن، تنهنجي جوان ڀيڻ ۽ پوڙهي ماءُ کي به بيعزت ٿا ڪن، منهنجا پوڙها هڏ ڪٽائيندي ته توکي شرم نٿو اچي پر ڀيڻ ۽ ماءُ جي بيعزت ٿيڻ تي ته ٿورو شرم ڪاءِ، ڪا غير ڪر، بي شرم اولاد."

موت ساهہ قبض تہ ڪري ٿو پر اندر ئي اندر روئي پوي ٿو، هو ان وقت ان ڇوڪريءَ جي سامهون اچي ٿو، چوي ٿو مون کي حڪم مليو آ تہ تنهنجو ساهہ قبض ڪيان.

ڇوڪري جھٽ چوندي رهجي وڃيس ٿي ”او ساهہ جا بادشاهہ ساهہ پل ڪيدين ها پر ڪاريءَ جو الزام تہ نہ ڏئين ها.“

موت جھٽ هڪ جهٽ لاءِ زمين تي ڪري پوي ٿو، پاٽس پٽڪندي ٻاهر واپس وڃي ٿو.

ماءُ ڌيءَ جي پيرن ڪان ويهي روئي ٿي، پيءُ ڪنڌ کي ڪٽي نرڙ تي چمي ڏئي ڪنڌ سان لائي ٿو، ايتري ۾ ٻاهران رڙيون اچن ٿيون، پاٽس سهٽيءَ جي پاءُ کي رتوڇاڻ ڪري رڙيون ڪري ٿو، تون ڪارو آهين، توکي ڪونہ ڇڏيندس.

ماٺو اچي پاٽس کي پڪڙين ٿا، سهٽيءَ جو پاءُ تہ بچي وڃي ٿو پر ڪونج جو پاءُ قيد ڪاٽي ولوءَ کان ڏنڊ ۾ سهٽيءَ جو سگ ۽ ٻہ لک روپيا گهري ٿو، جيڪو هُو مجبور ٿي ادا ڪري ٿو.

## ”سُر جو سرجڻهار“



پوه جي پارن وٽن ڪان لباس ڪسي ڪين اگهاڙو ڪري ڇڏيو هو، سج جي ڪُني هٽڻ ڪان اڳ ۾ ئي واريءَ ٽرڻ شروع ڪيو هو، رات ڪاريءَ چادر هيٺان ڌرتيءَ کي ڍڪڻ ٿي چاهيو، چنڊ جوڀن ڪي رسيو هو، چنڊ رات سان مهاڏو اٽڪائي اوندهہ کي پڇائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي ۽ چانڊنيءَ جا ڪرڻا ڌرتيءَ کي تحفو پئي ڏنا، چانڊوڪيءَ ۾ واري جرڪي پئي، ايئن پئي لڳو ڄڻ آسمان جا تارا ڌرتيءَ تي لهي آيا

هجن، جهوپڙين ۾ اران ۾ رندڙ چُلهيون آهستي آهستي اُجهامڻ لڳيون هيون، جيءَ جهريل، ويڳاڻا ۽ ڪوماڻل انگ اگهاڙا ماڻهو ۽ اجهر جا ۾ گرهه ڪير وتي سان ڪائي، پاپي پيٽ کي پلي، ٿاڪل پراڻيون رليون مٿان وجهي، چيڪل ڪتولين تي جسم سوڙهو ڪيون، ننڊ جي آغوش ۾ سفر ڪندي خوابن جي ديس طرف ويجها ٿيندا پئي ويا.

جهوپڙين جي اولهائين پاسي ٿوروئي پريان نم جي چانوري ۾ ٻه انساني پاڇولا هڪ ٻئي سان ڇهتيل، دنيا کان بي خبر بيٺل هئا. هڪ خوبرو نوجوان اکين ۾ صدين جا اوجاڳا سجائي، رنگين چني اوڙهيل هڪڙي اپسرا کي ٻانهن جي هار ۾ جڪڙيون بيٺو هئو، چنڊ چهري ۽ ڊگهن وارن واري خوبصورت وينگس خوبرو نوجوان جي ٻانهن ۾ بت بڻيل هئي، پري کان هڪ قافلو واريءَ جو پنڌ ڪندو اچي رهيو هو، قافلي جي اڳيان نوراني چهري وارو هڪ اڌڙوٽ عمر پير مرد هو جنهن جي اکين مان نوراني روشني پئي نڪتي، سندس چهري تي اڇ ڪاري ڏاڙهي ڏاڍي سونهين پئي، سندس پٺي اگهاڙي هئي ۽ ڪيس گوڏن تائين لنگوٽو ٻڌل هئو، سندس هٿ ۾ تنبورو هئو جنهن جي تارن کي ڇيڙيندي ڇيڙيندي هُن جون آڱريون ڪيچي پيون هيون، هُو قافلي جو رهنما هيو، سندس ٻريان سوين پوئلڳ هئا.

قافلي جي رهنما جي نظر اوچتو نم جي وڻ هيٺان بيٺل ٻنهي پريمين تي پئجي وئي هئي، ڪنهن جادوئي اثر ڪيس هڪ پل لاءِ پنڌ پاهڻ ٻڻائي ڇڏيو هو، قافلو رڪجي چڪو هو، قافلي جو رهنما هوش سنڀالي نم جي وڻ ڏانهن وڌڻ لڳو هو، ويجهو پهچندي سندس چپن مان آواز نڪتو هو.

ويهه م وساري پچا ڪر م پنڌ جي
نرمل نماري، هلندن تان هٿ ڪئو.

رهنما جي آواز تي ٻنهي پريمين اکيون کوليون هيون، پريميڪا ڇرڪ ڀري پريميءَ جي ٻانهن مان نڪري وئي هئي، چوڙين جي آواز سانتيڪي ماحول ۾ سرگم آڻي ڇڏيو هو، رهنما مرڪندڙ چپن سان، جهيڻي آواز ۾ ڳالهايو هو "تون ڊڄ نه ڌيءَ، مان پيار جو پيغامبر آهيان، هُو سڀ منهنجا ساٿي آهن" رهنما پريان بيٺل پنهنجي پوئلڳن

طرف اشارو ڪيو هئو.

پريمي ۽ پريميڪا اڳتي وڌي پيغامبر جي پيرن تي ڪري پيا هئا. پيغامبر جهٽ ڪري ٻنهي کي پنهنجي سيني سان لڳايو هئو، پوءِ هنن کان پڇا ڪئي هئائين انهن ٻنهي جي باري ۾. پريميءَ پيغامبر کي پنهنجو نالو سارنگ ٻڌايو هو، سارنگ سخي سردار هئو، ماڻهن جي مدد ڪرڻ لاءِ ڏڪاريل ڏيهه ۾ دور دور تائين پيرين پنڌ به نڪري پوندو هئو، جتي جتي هي ويندو هئو اتي ماڻهن جا ڪوماڻل چهرا ٻهڪي پوندا هئا چو ته ماڻهن وٽ خوشحالي اچي ويندي هئي، ڪجهه سال اڳ هُو هتي آيو هئو هُو آسا کي ڏسي سندس موهه ۾ موهجي ويو هئو، آسا سونهن ۽ سندرتا جي ديوي هئي، هن سارنگ کي پنهنجين اکين جو اسير بڻائي ڇڏيو هئو، سارنگ نينهن جو ناتو ڳنڍي آسا جي تر ۾ ترسي پيو هئو ۽ نيٺ آسا به سارنگ جي سڪ ۾ سپنا سرجڻ لڳي هئي سارنگ ۽ آسا اڪثر سڪ سلڻ لاءِ جهوپڙين کان الهندي پاسي نم جي وڻ هيٺان اچي ملندا هئا. اها هڪڙي اياڻي رات هئي، چوڏهين جي چنڊ چوڏس چانڊوڪي ڦهلائي ڇڏي هئي، آسا، سارنگ جي ٻانهن ۾ وڪوڙجي سپنا جهلائي رهي هئي جو ڪنان هڪ ڳورپٽ اچي سارنگ کي ڪڪيو هو، سارنگ ڦتڪڻ لڳو هئو، سارنگ کي ڦتڪندي ڏسي آسا سندس جسم مان زهر چوسڻ شروع ڪيو هئو، پر هوءَ سارنگ کي بچائي نه سگهي هئي، هوءَ به سارنگ سان گڏ ڌرتيءَ تي ڪري پئي هئي، ٻنهي جي جسمن مان روح پرواز ٿي چڪا هئا. ٻنهي پريمين جا جسم ڳوٺ وارن ڏڪندڙ هٿن سان روئيندي روئيندي لحد ۾ لاٿا هئا. ڪيترا ڏينهن ڳوٺ وارن سارنگ ۽ آسا جي وڇوڙي ۾ ڪيڏارو ڳايو هو، هُو جهوپڙين ٻاهران نيڻ اتڪائي ڏسندا رهندا هئا ۽ کين اها آس هئي ته هڪ ڏينهن سارنگ ۽ آسا ضرور موٽي ايندا. شام جي ويلي ڳوناٽا اڪثر آسمان ۾ اکيون کپائي سارنگ ۽ آسا جي موٽڻ لاءِ دعائون پنندا هئا. نيٺ ڳوناٽن جون دعائون قبول ٿيون آسا ۽ سارنگ ته ڪو نه موٽيا پر سندس روحن کي آزاد ڪيو ويو هو، تڏهن ئي اهي روح ڪڏهن ڪڏهن هتي ايندا رهندا آهن، هاڻي ٻنهي پريمين جا روح پيغامبر جي سيني سان لڳل هئا.

پيغامبر ڳالهايو ، پيغامبر کين ٻڌايو ته هُو شاعر به آهي، هن پيار

جا ڪيترائي گيت لکي ڪيترائي سُر سرجيا آهن، هن ڪين ٻڌايو تہ هو نون سُرن جي ڳولها ۾ ائين ئي رڻ پٽ ۾ جهر جهنگ جهاڳيندو رهيو آهي، پيغامبر ڪين ٻڌايو تہ هُو نون سرن جي ڳولها ۾ نڪتل هئو، هاڻي ڪيس سندس سُر ملي چڪا هئا تنهن ڪري هُو آسا ۾ سارنگ ڪان موڪلائي اتان ئي موٽي پيو هئو، واپس اچي هن نوان سُر لکيا هئا، سندس مريد سندس پويان بيٺل هئا، سيني مرشد جي پيرن تي ڪري عرض ڪيو هئو تہ تون اسان جو مرشد آهين تون عظيم شاعر آهين، سُرن جو سرجڻهار آهين، اسان لاءِ ڌرتيءَ لاءِ دعا گهر تہ امن ۾ آشتي قائم ٿئي، سُر جي سرجڻهار دعا گهري هئي.

موٽي مانداڻ جي، واري ڪيائين وار
وڄون وسڻ آئيون، چوڏس ٿي چوڌار
ڪي اتي هليون استنبول ڏي، ڪي مٽيون مغرب پار
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمر قندن سار
ڪي رمي ويون روم تي، ڪي قابل ڪي قندهار
ڪي دلي، ڪي دکن، ڪي گڙن مٿي گرنار
ڪهين جنبي جيسر مير تان، ڌنا بيڪانير بڪار
ڪهين ڀڄ ڀڄائيو، ڪهين ڍٽ مٿاهين ڌار
ڪهين اچي عمر ڪوٽ تان، وسايا ولهار
سائيم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست مٺا دلدار! عالم سڀ آباد ڪرين.

# ماٺ رهان تہ مشرڪ ٽيان



ڪائنات جلدي ڪر ٽين آٽي ڏي تہ پاٽي گرم رکان ۽ جلدي ڪم مان جان ڇڏاءِ منهنجي مدد ڪر، اڄ ڏکڻ ايندو، دريون لڳنديون تنهن ڪري پوءِ متان ڪم ڪار رهجي نہ وڃي.

ها ادي ڪٽي ٿي اچان

(اوچتو آواز)

اديون اسلام عليڪم خوش تہ آهيو؟

ادي ماما رحمت آيو آهي

ڪائنات اچ ڀاڄي اچي لاهه مان وجانءِ ٿي.

ڇو ادي تون ڪاڏي ٿي وڃين؟

بس اتي ئي، اچ جلدي ڪر

نيڪ آ ادي

سورٺ هلي وئي، رحمت الله سورٺ جو وڏو مامو، امان الله پيءُ ۽ رحيمان ماءُ آهن، جيڪي اڄ سورٺ جي ڀاءُ حفيظ جي شادي جي تاريخ (تڪ) پڪي ڪرڻ خاطر صلاح مشوري لاءِ گڏ ٿيا آهن. ڪائنات کي سورٺ جي هليو وڃڻ وارو سبب سمجهه ۾ نہ آيو، نوڪر ڪاٽيون آٽي گهر جي اندر رکي رهيو هو سورٺ سوچيو تہ جي مان اتي ويهندس تہ هو الائي ڇا سوچيندو ۽ متان وري امان ۽ بابا کي بہ ڪاوڙ لڳي، سو هوءَ موٽي وڃي مامي سان ملي، سورٺ جي ماءُ پنهنجي پياءُ سان شادي متعلق مشورا پئي ڪيا، جڏهن صلاح مشورو ختم ٿي ويو تہ سورٺ جو ننڍو ڀاءُ عمر بہ اچي پهتو، جيڪو ڪيس ڏسي گهر ئي ڇڏي هليو ويندو هو ۽ ساڻس ڳالهائڻ بہ پسند نہ ڪندو هو، صرف ان لاءِ تہ هوءَ شادي شده هئي ۽ سس جي بيرحمي ۽ الزامن جو شڪار هئي، ان جو سبب بہ شايد اهو هئو تہ هوءَ نوڪري ڪري روشن مستقبل جا خواب ڏسندي هئي ۽ سندس اهي خواب سندس پوري خاندان وارن جي دلين ۾ ٻير جي ڪنڊن جيان پيا چڀندا هئا.

سورٺ ڪپڙا ڪٽي ڌوئڻ لاءِ هلي وئي پر وري جلدي موٽي آئي هن ماءُ کي اچي چيو تہ امان صابڻ ڪونهي بازار مان گهرائي ڏي.

ها صابڻ گهرايان ٿي پر تون اهو ٻڌاءِ مامهين سان ملينءَ؟

ها امان، پر تون ڇو ٿي پڇين؟

ان لاءِ ٿي پڇان جو مون توکي ملندي نہ ڏٺو هو.

امان مان ماما سان مليم تہ سهي پر خبر اٿئي هٿ ڪيئن ڏنئين ڏيو. ۽ ها امان خبر اٿئي جڏهن ڪالهه مان هالار سان آيم پئي تہ هن ڪيئن پئي گهوري ڏٺو ڇڻ مان مڙس سان نہ پر ڪنهن غير مرد سان ويندي هجان، اهو چئي سورٺ هلي وئي ۽ ڪپڙا پاٽيءَ ۾ پسائي سوچڻ لڳي تہ اسان جي ماءُ هميشہ اولاد کي اذيتون ڇو ڏيندي آئي آهي،

خيالن ئي خيالن ۾ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ لڳي، سورٺ تون هنن کي اڄ تائين ڪجهه به نه چيو آهي، خاموشي سان هر ظلم ۾ ستم سهندي آئي آهين، پر تو کي خبر آهي ته ماٺ ڪرڻ به مشرڪ ٿيڻ آهي، ان لاءِ هاڻي تون ڳالهاءِ ۾ هنن کي اهو سڀ ڪجهه چئي ڏي جيڪو ڪجهه تنهنجي دل ۾ آهي، ڪڏهن اها اندر جي باهه نه ته ساڙي ڇڏيندي اها باهه توکي. سورٺ پڪو پهه ڪيو ته هاڻي هوءَ مشرڪ نه ٿيندي ۾ موقعو ڏسي ضرور پنهنجي زبان کي لڳل تالا پڃي اڇلائي ڇڏيندي.

شام جو جڏهن سيئي خاندان وارا سورٺ جي پياءُ جي شادي جي تاريخ پڪي ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا ته سورٺ جي نانيءَ سورٺ کي ڏسندي چيو ته اڄ ته خوشي جو ڏينهن آهي پر تون ڇا لاءِ چُپ آهين، ڪهڙي تنهنجي دانگي پڃي پئي آهي؟

سورٺ کي موقعو ملي ويو پنهنجي اندر جي باهه کي ٻاهر ڪڍي اڇلائڻ جو هن چيو ”اڄ توهان سڀ گڏ ٿيا آهيو ڪنهن جي شادي ڪرائي، ڪنهن جو گهر جوڙڻ لاءِ ڇوته گهر جوڙيندا به وڏي شان ۾ مرتبي سان آهيو ته گهرن کي ڊاهي به وڏي شان ۾ مرتبي سان ڇڏيندا آهيو، اڄ جي ڏينهن هڪڙي دعا به گهري ڇڏيو ته جيئن توهان هميشه اڳ جيان آئينده به گهر جوڙي ۾ وري ڊاهيو. ها مان به دعا ٿي گهران ته يا خدا منهنجي اها دعا قبول فرماءِ ته هنن جون ڌيئر به پنهنجي گهر وڃي وري مون وانگر ئي بيدخل ٿين، مان دعا ٿي گهران ته جيئن منهنجو گهر اجاڙيو اٿوَ تيئن توهان جي ڌيئرن جا به گهر اُجڙن تڏهن توهان کي منهنجي بربادي‌ءَ ۾ منهنجي من جي اجاڙ جي خبر پوندي،.

اسان تنهنجو گهر ڇو اجاڙيو آ؟ تنهنجي پنهنجي افعالن تنهنجو گهر اجاڙيو آهي، سندس نانيءَ جواب ڏنو ۾ هن جي ماءُ به ڪاوڙ مان رڙ ڪئي ته ماٺ ڪر مُئي خوشيءَ جي ڏينهن به ماتم ٿي ڪرين.

توهان پنهنجي خوشي کي ته ڏسي سگهو ٿا پر منهنجو گونگو ماتم نٿا ڏسي سگهيو، اڄ مان ماتم ان لاءِ ٿي ڪيان ته سياڻي وري ٻي ڪا ماتم ڪندي، امان ڪڏهن ته مون کي ڳالهائڻ ڏي جنهن هميشه اسان سان نفرت ڪئي تون انهن جو ساٿ پئي ڏئين، سوچ جن تنهنجي ڌيءَ جو گهر برباد ڪيو آهي سي سياڻي تنهنجي پٽ جو به گهر برباد ڪري

ڇڏيندا، امان هنن منهنجي دل، منهنجي دماغ ۾ منهنجن جذبن سان گڏ منهنجي سموري گهر کي ڪرچيون ڪرچيون ڪري اجاڙي وکيري ڇڏيو آهي، اڄ مون کي هنن جي ڪنن لاءِ پڙاڏو بڻجڻ ڏي اڄ مون کي نـ جهل اڄ مان ڪونـ مڙندس، اڄ تـ مون کي هنن مٿان باهـ جا گولا لفظ اڇلائڻ ڏي، مان مڃيان ٿي هاڻ منهنجو قصور آهي پر ان وقت منهنجو ڪهڙو قصور هيو جنهن وقت مان اڃا ننڍڙي هئس ۽ پيڙهيل هيم، جڏهن هنن توکي وني بابا کان رُسائي وڃي ويهاريو هيو ۽ مون کي رستي تي اڇلائي ڇڏيو هو، تـ مان پيءُ جي آهيان، اهو ئي مون کي سنڀاليندو. امان ان وقت بـ مون اپ ڏاريندڙ رڙيون ڪري احتجاج ڪيو هو پر ان وقت بـ تون منهنجي ماتم ڏي نـ ڏنو هو ۽ هنن جو ساٿ ڏنو هو، ان ڏينهن کان وني اڄ ڏينهن تائين مون کي سزائون مليون آهن، هنن جي ڏنل اذيتن ۾ ڏس تـ مان ڇا ٿي وئي آهيان. امان مان هميشـ ذهني اذيت ۾ رهي آهيان ،ان کان بهتر هو توهان مون کي جسماني اذيتون ڏئي ماري دفنائي ڇڏيو ها، هيئن نفسياتي مريض ٿي هڪ هڪ پل، هڪ هڪ سيڪنڊ منهنجو عذاب ۾ ٿو گذري سڄي عمر لاءِ نـ ڪٽندڙ عذاب ۾ مبتلا ٿي وئي آهيان، جڏهن مان پنهنجي گهر واري پئي ٿيس تـ تڏهن اوهان وڏي مان ۽ مرتبي سان مون کي منهنجي مڙس جي حوالي ڪيو هو، پر هنن منهنجو گهر اجاڙي ڇڏيو، هنن توهان ۾ منهنجي گهر وارن جي دلين ۾ نفرتون پيدا ڪيون اجايون سجايون ڳالهيون ٽپالين جيان هتي ۽ هُتي پهچائي هنن منهنجي گهر ۾ هل ۽ هنگاما ڪرايا ۽ جنهن وقت منهنجي گهر جون حالتون بگڙنديون ويون ان وقت توهان بـ هنن سان گڏ بگڙيل حالتن کي سلجهائڻ بجاءِ مٿي جي تيل وارو ڪم ڪيو، اهو سڀ ڇا هئو امان؟ مان تـ سالن کان اجڙيل ان ويراني کي اجاريو هو، اونده ۾ روشني جو ڏيئو ٻاريو هو، پر توهان سيني هڪڙي لهذي ۾ منهنجي ان ننڍڙي خوشين گهرونڊڙي کي قبرستان بڻائي ڇڏيو، امان الا هي پيءُ ماءُ ڌيءُ کي پوڙهو، منڊو، جڏو ۽ رنڙ ور ڏيندا آهن تـ بـ ڌيءُ کي رخصت ڪرڻ مهل اها نصيحت ڪندا آهن تـ ڌيءُ لڄ رکجانءِ هاڻي تنهنجو گهر اهو آهي ڏک يا سک ۾ فاقاڪشي ڪري بـ تون اتي سونهندينءُ ،پر امان مون سان ائين نـ ٿيو منهنجو ور تـ نـ جڏو آ، نـ انڌو منڊو آ ۽ نـ ئي ڪو جاهل جٽ آ هو

تہ منهنجو هڏ ڏوکي ۽ منهنجو الاهي گهڻو خيال رکڻ وارو آهي، امان جي منهنجي سس ٿورڙي جاهل ۽ بي سمجهہ آهي تہ ان ۾ پهلا اسان جو ڪهڙو ڏوهہ ؟ هوءَ تنهنجي پنهنجي آهي تون بہ ان کي سمجهائي سگهين ٿي، پر تون پين جي چوڻ تي هر ڪم ابتڙ ڪيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ مان هميشہ اذيتن ۾ رهي آهيان ۽ هن وقت بہ اڻ ڪٿ اذيت مان گذران پئي، توکي خبر نہ آهي امان تہ اڄ منهنجو مڙس دربدر آهي هر وقت اداس ٿو رهي اهو مڙس جنهن کي ڪيئي خوشيون ڏيڻ جو واعدو ڪيو هيم ، جنهن مون کي اڻ ڳڻيون خوشيون ڏيڻ جا وچن ڪيا هئا ۽ اهي وچن پاڙي رهيو هو پر اڄ ان جي ڪيسي ۾ ڪنهن ٻي عورت جون تصويرون آهن، ان جي ذميوار بہ تون ۽ تنهنجي خاندان وارا آهن، توهان ڪڏهن اسان جي بربادي کي نہ ڏٺو آهي، امان منهنجي مڙس جي ڪا بہ ڳالهہ اوهان نہ ٻڌي ،توهان هن کي ڪا بہ اهميت نہ ڏني هو توهان جي هٿن ۾ پليل هو، توهان هن کي مليل ڏکن ۽ اذيتن کان واقف هيئو، پر پوءِ بہ توهان هن سان اوپرائپ وارو رويو هليئو، هو پنهنجائپ ۽ پيار کان وانجهيل رهي جڻ تہ ذهني مريض ٿي ويو آ، امان توهان سٺو نہ ڪيو آ، توهان مون سان ڪجهہ بہ سٺو نہ ڪيو آ، منهنجي بربادي جا ذميوار توهان سڀ آهيو، هاڻي مان پئي ڪنهن کي برباد ٿيڻ نہ ڏينديس ،هاڻي مان خوش نہ رهنديس، مان توهان کي رڙيون ڪري ياد ٿي ڏياريان تہ توهان مون کي ڏاج تہ گهڻو ڏنو پر مون کي خوشي نہ ڏني توهان منهنجو اهو گهر تباهہ ڪيو جنهن ۾ خوشي جهڙو قيمتي سامان سجائي رکيو هيم. امان مان پئسي جي بکايل نہ آهيان مان ہنڌڻن کان وني هيل تائين پيار، شفقت، عزت ۽ تحفظ جي اڃايل رهي آهيان، پر توهان منهنجي اڃ اجهائڻ بجاءِ مون کي اهڙي رڻ ۾ بيماري ڇڏيو آهي جتي پري پري تائين ڪا بہ وسندي نہ آهي، مان رڻ ۾ رلندي ۽ ڀٽڪندي رهان ٿي، توهان ئي مون کي رڻ ۾ رولڻ وارا آهيو، هاڻي مان ڪچنديس ڪافر ٿينديس پر توهان کي نہ بخشينديس.

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، پَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ہين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَس پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنھن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄڻ ڄڻ جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي ڄاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ ڄاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چوء چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)